

شاعري
شفقَ رَتي شامَ
سيد سراج
پوپٽ

شفق رَتِي شام

(شاعري)

سيد سراج

پوپٹ پبلشنگ هائوس خيرپور ـ سنڌ
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

هي ڪُونجڙيُن جي قطار،۾ شاعري لهي ٿي
شَفق رتي شام ۾ جانورن کي ڪٽي اچي ٿي

POPAT BOOK NO. 56

شفق رَتي شامَ

(شاعري)

شاعِرُ: سيد سراج

چاپو پهريون: 2014

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ : نزاڪت علي کوکر

چپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

چپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ــ سنڌ.

ملهه: **-/220** روپيه

SHAFFAQ RATTI SHAAM

Poetry

Poet: **Syed Siraj**

First Edition: 2014

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Lay'out: Asif Nizamani

Composing: Nazakat Ali Khokhar

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 220/-**

اڻپنا

شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو،

جمال ابڙو ۽ امر جليل

کي

پنهنجون هي

ذهني ۽ دلي وارتائون

اڻپيان ٿو.

ـ سيد سراج

سنڌ سلامت پارانءَ :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"شفق رتي شام"** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن مجموعي جو تخليقڪار **سيد سراج** آهي.

سيد سراج سنڌُ جو سُريلو ۽ سُجاڻ شاعر آهي، هُنَ شاعريءَ جي جهانَ ۾ پنهنجي سوچن جي سُرهاڻ سان هِڪَ سُهڻي سُجاڻپَ پيدا ڪئي آهي. سيد سراجَ هوندئن ٿہ گهڻين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر نَظمُ ۽ غزلُ سندس تخليقي سُجاڻپَ جا مضبوط حوالا آهن.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٽورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- **پبلشر نوٽ:** قربان منگي — 8
- وايون — 9
- غزل — 41
- پنجڪڙا — 103
- نظمَ — 111
- آزاد نظم — 124
- نثري نظم — 139
- ترائيلَ — 146

پبلشر نوٽ

سيد سراج سندُ جو سُريلو ۽ سُجاڻ شاعر آهي، هُنَ شاعريءَ جي جهانَ ۾ پنهنجي سوچن جي سُرهاڻ سان هِڪَ سُهڻي سُجاڻپَ پيدا ڪئي آهي. سيد سراجَ هونئن تہ گهڻين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر نَظمُ ۽ غزلُ سندس تخليقي سُجاڻپَ جا مضبوط حوالا آهن. اسين "پوپٽ" پاران سندس ڪويتائن جو هي پهريون ڪِتابُ اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي سَرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. انهيءَ اُميدَ سان تہ اوهين جيڪي شاعريءَ جا پڙهندڙ ۽ آهيو تہ بهترين نقادَ پِڻُ، هِنَ ڪِتابَ جي دل سان آڃيان ڳندا.

ادارو "پوپٽ" سُنڌ ۽ معياري ڪِتابن جي اشاعت جي سفر ۾ پنهنجون سيئي صلاحيتون ۽ محبتون ارپڻ واري سفرَ تي روان دَوان آهي. اُميدَ اِها آهي تہ، اوهان ۽ اسان جو اِهو ساڻُ ائين جاري رهندو.

قربان منگي

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور



وايون

بند لفافي ۾
ساهن جي سُرهاڻ،
ساجن مون ڏي موڪلي.

هٿ اکر، احساس ۾
ميندي ۽ جي هڪسارِ،
ساجن مون ڏي موڪلي.

آئي موسم چيٽ جي
چُمين جي چانڊاڻ،
ساجن مون ڏي موڪلي.

عشق نہ لِکندو لوڪ کان
ڪٿوري ۽ جي ڪاڻ،
ساجن مون ڏي موڪلي.

◈

اولڙو تنهجي
ذات جو آهي،
هيءَ چانڊوڪي.

تنهنجي چهري جيئن
رات جو آهي،
هيءَ چانڊوڪي.

سلسلو جيت ۽
مات جو آهي،
هيءَ چانڊوڪي.

عڪس شاعر تي
ذات جو آهي.
هيءَ چانڊوڪي.

◈

بارشن جهڙا اسين،
باهِ جهڙي تون.

سرد جذبن جي بدن تي
چونہ ٽي تاندا، وسين
باهِ جهڙي تون.

پاڻَ مِٽيءَ جا مسافر
تنهنجي رغبت چندَ سين،
باهِ جهڙي تون.

ڪِين ٽي مُرڪي نهارين
ڪين ٽي ڪوڏنءُ ڏَسين،
باهِ جهڙي تون.

◈

خوبصورت زندگي
ڪالهه ڪيئن رت ۾ ٻُڏي،
قاتلن جي شهر ۾.

ٿي، امر تاريخ ۾
هاءِ گلن جهڙي گُڏي،
قاتلن جي شهر ۾.

سنڌ کي گولي لڳي
چو نہ هي ڌرتي ڏُڏي،
قاتلن جي شهر ۾.

جسم تان اجرڪ لٽا
ڪَنَ جي هر والِي لُڏي،
قاتلن جي شهر ۾.

ڪا نِيِي رسمِ وفا
دردَ جي خوشبو اُڏي،
قاتلن جي شهرَ ۾.

◈

* شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو کي ٻِن لُڙڪن جي ڀيٽا.

ڏار توکان رهي
زندگيءَ سان ٿهي،
ڪين آهيان سگهيو.

عمر، ڳولا جو رڻ
مُرڪ ويڙي، لهي
ڪين آهيان سگهيو.

سنڌ نقشي جيان
هو ٿا ڀاهن، ڀهي
ڪين آهيان سگهيو.

زهر جا ذائقا
هي ويجوڙا ڳهي،
ڪين آهيان سگهيو.

پاڻ پلبو جڏهن
سور تنهنجا سهي،
ڪين آهيان سگهيو.

◈

پاڻيءَ منجھہ پَساھُ،
چار ڪروڙ عوام جو.

آمر سمجھين ڇو نہ ٿو؟
سنڌوءَ ۾ آ ساھہ،
چار ڪروڙ عوام جو.

تارن تڙپڻ شاھدي
۽ ھو چند گواھہ،
چار ڪروڙ عوام جو.

ڳلڙين ۽ ڳٽتين ڳالھڙيون
دلڙين ۾ ويساھہ،
چار ڪروڙ عوام جو.

ساڳي سوچ "سراج" کي
اھڙوئي اُتساھہ،
چار ڪروڙ عوام جو.

◈

* پرويز مشرف جي آمريت خلاف ڪالاباغ ڊيم حمايت تحريڪ جي مخالفت ۾.

ڪراچيءَ جي شامَ
ءِ مان هيڪل سمنڊ تي.

هوءَ بہ آئي ڪِين هئي
اَڻ پورا انجامَ
ءِ مان هيڪل سمنڊ تي.

ڪلفٽن ساحل ڪِليو
نيٺ پروڙي مامَ
ءِ مان هيڪل سمنڊ تي.

پاڪر منجھہ پِجو نہ ٿا؟
بارش جا پيغامَ
ءِ مان هيڪل سمنڊ تي.

◈

ڳوٺ کان وڇڙي
شهر جي رِڻ ۾،
آءٌ پتڪان ٿو.

قول مرجهايا
مُنڊ پن چڙ ۾،
آءٌ پتڪان ٿو.

بوند لئ ترسي
هيل سانوڻ ۾،
آءٌ پتڪان ٿو.

ڏَسُ نہ ٿو ڪو ڏي
تنهنجي واهڙ ۾،
آءٌ پتڪان ٿو.

توبہ ڪئي آهي
دير پهچڙ ۾،
آءٌ پتڪان ٿو.

◈

گهر کان ٻاهر ٻي
هيءَ اڪيلائي،
مون سان گڏ آهي.

خوابَ ۾ ٻڪَ ها
ڇوڪري ڪائي،
مون سان گڏ آهي.

ڇو وضو ڪريان
دل جي پاڪائي،
مون سان گڏ آهي.

جنهن خيالن ۾
ٻانهن ڦهلائي،
مون سان گڏ آهي.

ڳوٺ جون يادون
گهر جي نم سائي،
مون سان گڏ آهي.

◈

تنهنجي سپنن جي سڱنڌ
ننڍ جي جهوليءَ ۾،
تازا گلاب.

سونهن جي درياهه جي
مهڪندڙ چوليءَ ۾،
تازا گلاب.

پار کي محسوس ٿيا
ماڻُ جي لوليءَ ۾،
تازا گلاب.

نفرتون ڪنڊن جيان
پيارجي هوليءَ ۾،
تازا گلاب.

چنڊ سوچي ٿو پيو
ڪيئن تڙيا کوليءَ ۾،
تازا گلاب.

◈

سارون روز ڪين او يار!
پيج پنيءَ جو ياڪر پائي.

راڳ اڳڻ تي، تنبوري جون
تارون روز ڪين او يار!
پيج پنيءَ جو ياڪر پائي.

سپنا سپنا نارنگيءَ جون،
ڦارون روز ڪين او يار!
پيج پنيءَ جو ياڪر پائي.

اکڙين سان پوتر لڙڪن جون،
لارون روز ڪين او يار!
پيج پنيءَ جو ياڪر پائي.

◈

جڙ ٻرن کي مشعلون
سونهن ورنا منهن ملوڪَ،
ڪيئن وساريان.

انب جي وڻ مان اچي ٺي
سا، ڏُکي ڪويل جي ڪوڪ
ڪيئن وساريان!

[1] شهر جو اتهاس ۽
يار ساميءَ جا سلوڪ،
ڪيئن وساريان!

رات، تنهائي، ڏَني ڪنهن
هنڈ تي ڏيئي کي ڦوڪ،
ڪيئن وساريان!

◈

[1] شهر مان مراد شڪارپور شهر ۽ ساميءَ جي سلوڪن ڏانهن اشارو

ماڻ پلي هن شور کان
شهر ۾ ماڻهو سوچي ٿو
ڳوٺ ورڻ جون ڳالهڙيون.

ڪرفيو پيار ۾ چوڪري
ڳاڙهو ڳيرو سوچي ٿو
ڳوٺ ورڻ جون ڳالهڙيون.

هڪڙو جهوٽو واءُ جو
آڇي خوشبو سوچي ٿو
ڳوٺ ورڻ جون ڳالهڙيون.

پرهه ڦٽيءَ جي پاند ۾
مون جيئن ٽيڙو سوچي ٿو
ڳوٺ ورڻ جون ڳالهڙيون.

◈

سپنن جا کوٽا سِڪا
اکڙين جو ڪشڪول،
پرجي ويو آهي.

گل نہ مليا ڪنهن موڙ تي
ڪنڊن سان هي جهول،
پرجي ويو آهي.

تون پرسان گذري وئينءَ
خوشبوءَ سان ماحول،
پرجي ويو آهي.

ڪيڏانهن تنهنجي مُرڪ وئي
چا ٻئي ڪنهن سان ٻول؟
پرجي ويو آهي.

◈

ياکر پائي ڏينهن وڏي،
من جا گهاوَ پري سگهندينءَ؟

ديد ملاءِ تہ عيد کيان
لڙکن سان هک مُرک گڏي
من جا گهاوَ پري سگهندينءَ؟

چا تون ساڻ ڏئي سگهندينءَ؟
توکي منهنجو پيار سڏي،
من جا گهاوَ پري سگهندينءَ؟

چا ٻئي هنڌ بہ ملندينءَ تون
هي سپنن جو شهر چڏي،
من جا گهاوَ پري سگهندينءَ؟

◈

ڪينجهر منجهه ڪنولَ،
مُرڪي پيا آهن.

ٽڏڙي هِير گُهلي پئي
ست رنگا آنچل،
مُرڪي پيا آهن.

تنهنجي هٿڙن کي ڇُهيم
تُنهنجا ڳاڙها ڳل،
مُرڪي پيا آهن.

اجرا سپ احساس ٿيا
وايون، گيت، غزل،
مُرڪي پيا آهن.

رنگ ڏسي آڪاس جا
پومي ءَ نيٺ پنل،
مُرڪي پيا آهن.

◈

هيءَ ڊسمبر جي
شام گذري وئي،
تون ڪٿي آهين؟

آءٌ گلڙن تي
ماڪ وسندي پئي،
تون ڪٿي آهين؟

ڏوڙ چاڻيون ٿا
چنڊ ۾ مان ٻئي،
تون ڪٿي آهين؟

يادگيرين جا
رنگ ٿيا سرمئي،
تون ڪٿي آهين؟

عمر پي مون سان
بيوفائي ڪئي،
تون ڪٿي آهين؟

◈

ليئا نہ جڙ ڏيئا ٿي ٻاري ڏيوڏي
ڪنهن بند در جي سير مان،
ڪرٽا ڦٽا.

تاريخ پڙهہ ڪچو گهڙو، سهڻي ٻڏي
سنڌوءَ جي هر وير مان،
ڪرٽا ڦٽا.

مُنهنجن سين زخمن مٿان او سانوريا!
تنهنجي ٻڏل هر ليڑ مان،
ڪرٽا ڦٽا.

بجلي وئي ڪمري ۾ اوندهہ ٿي مگر
تنهنجي ٽنگيل تصوير مان،
ڪرٽا ڦٽا.

◈

بوندون لاڳيتيون،
رم جھم جو احساس آ.

تنھنجي سُرھي واس ۾
ڪجھ راتيون بيتيون،
رم جھم جو احساس آ.

تنھنجي مھڪيل درد جون
ريجھايم ريتيون،
رم جھم جو احساس آ.

تنھنجي نيٽن مان وڃون
ٻَڏِڙي ڏُڪ پيتيون،
رم جھم جو احساس آ.
رم جھم جو احساس آ.

◈

راتيون وهاميون
اکيون اجهاميون،
پرينءَ پڃاڻان ڳوٺ ۾.

ڪيڏانهن منهنجي سوچ جون
ڳيريون اڏاميون،
پرينءَ پڃاڻان ڳوٺ ۾.

نيٺ رُنا، هر خواب جون
ڪيڏيون نيلاميون،
پرينءَ پڃاڻان ڳوٺ ۾.

وڇوڙي جي وَٺ ۾
دک جون باداميون،
پرينءَ پڃاڻان ڳوٺ ۾.
پرينءَ پڃاڻان ڳوٺ ۾.

◈

هوءَ آئي، هلي بہ وئي
جڙ ٿر تي برسات،
پيرا ڇڏي وئي.

سھڻي ڪائي ڇوڪري
يادن جا ڪلھ رات،
پيرا ڇڏي وئي.

من جي موهنَ – شهر جي
ڪوٽيم جيئن ڪنڀرات،
پيرا ڇڏي وئي.

پاڻ ٻتائيءَ ڏي وئي
منهنجي ذهن ۾ ڏات،
پيرا ڇڏي وئي.
پيرا ڇڏي وئي.

◈

اي قلم! تون ساڻ ڏي،
پنڌ ۾ آ شاعري.

هن جي سنهڙي چيلهه جا
جهٽ ته خَمَ تون ساڻ ڏي،
پنڌ ۾ آ شاعري.

پرت جان ادڙي ويل
هر زَخَمَ تون ساڻ ڏي،
پنڌ ۾ آ شاعري.

پينگهه من جي ٽي لُڏي
جهومي، غم تون ساڻ ڏي،
پنڌ ۾ آ شاعري.

◈

برف جهڙي ذهن ۾
هي ڪٿان تاندا ٻريا،
شام واريءَ لام ۾.

ڪيترن ڏينهن پڇاڻان
ڪالهه تاندا ٽٽا وريا،
شام واريءَ لام ۾.

قول ورڪائون ٿيون
ڪيترا سپنا سَريا،
شام واريءَ لام ۾.

وڏ قڙا ڪيئي وُڻا
پير توجيڏِي ڏريا،
شام واريءَ لام ۾.

پير تنهنجي ياد جا
پاند مون پنهنجا پريا،
شام واريءَ لام ۾.
شام واريءَ لام ۾.

◈

عڪس! تون ئي ساڻ ڏي،
مان اڪيلو آهيان.

پٿر سمجهي پيرَ سان
هر ڪو ٿو مون کي ٺُڏي،
مان اڪيلو آهيان.

درد جي ڪنهن ساز تي
روح ٿو جهومي، ڪڏي،
مان اڪيلو آهيان.

ڪا جواني انب جي
لام وانگر ٿي لُڏي،
مان اڪيلو آهيان.

منهنجي ڇپن جو ڪنارو
ڪِيئن ٿو ساغر ۾ ٻڏي،
مان اڪيلو آهيان.
مان اڪيلو آهيان.

◈

درد جي ديس جو
مان مسافر الا.

ڏور تنهنجي گهٽي
پاڻ پرديس جو
مان مسافر الا.

شوق شيشہ گري
ءِ لڳي نٽيَس جو
مان مسافر الا.

پيار جا پيچرا
سونهن سَنديسَ جو
مان مسافر الا.
مان مسافر الا.

◈

اڄ تہ وڃ تون چنگ وانگي،
شاهہ جي وائي مان ڳايان.

تنهنجي جاني آ جواني
ڪٽڪ جي ڪنهن سنگ وانگي،
شاهہ جي وائي مان ڳايان.

منهنجي ويڙهي تي وسي وڃ
او سکي! سارنگ وانگي،
شاهہ جي وائي مان ڳايان.

ڪيئن ڇڏايان پاڻ تن کان
وار تنهنجا ونگ وانگي،
شاهہ جي وائي مان ڳايان.

درد جو شاعر "سراج" آ
تون خوشيءَ جي رنگ وانگي،
اڄ تہ وڃ تون چنگ وانگي،
شاهہ جي وائي مان ڳايان.

◈

ڪاڏي سعديءَ جو غزل
تنهنجي چَڱ چوان،
ڇڙ تہ ايياز جي شاعري.

پاڻي نڙيءَ مان بکي
تنهنجو رت روان،
ڇڙ تہ ايياز جي شاعري.

تنهنجي سونهن ورونهن جا
سپ انداز نوان،
ڇڙ تہ ايياز جي شاعري.

پن ڇڙ واري مند ۾
تنهنجي مرڪ جوان،
ڇڙ تہ ايياز جي شاعري.

◈

ڪالھ ڪُڻي ڪونجي،
ويريءَ جي بندوق سان.

سرخ چپن تي چيخ هئي
ڏور صدا گونجي،
ويريءَ جي بندوق سان.

سنڌ ڪراچي، پارڪ،
هيءَ ڏرتي مونجهي،
ويريءَ جي بندوق سان.

رت قُڻن ۾ تون امر
*او زخمي تون جي!
ڪالھ ڪُڻي ڪونجي
ويريءَ جي بندوق سان.

◈

* 2000ع ۾ اسان کان وڇڙي ويلَ شاعِرَ شهيد زخمي چانڊڻي جي حوالي سان

شام لَکِي دَر جي
شوخ هوائون شهر جون،
ڪيئن وساريان مان!

توسان شاهي باغ جي
پاڪر منجهه گهڙيون،
ڪيئن وساريان مان!

آڱُ وڃان ڪيڏانهن پي
تنهنجون ساروٽيون،
ڪيئن وساريان مان!

ننڍپڻ ڪنديءَ اوٽَ ۾
ميڙيون، گڏ سگهريون،
ڪيئن وساريان مان!

تنهنجين چُمين جو قسم
جڙ ڪي مِينهَن ڪٽيون،
ڪيئن وساريان مان!

◈

نيٽن جي استيج تي
ڳوڙها ڳائن ٿا،
ڪورس جي انداز ۾.

شاعر جي دل جو پتو
درد پڇائن ٿا،
ڪورس جي انداز ۾.

ماٺهو تنهنجي مرڪ جا
واڪ لڳائن ٿا،
ڪورس جي انداز ۾.

جيئي سنڌ چئي چوڪرا
جهمريون پائن ٿا،
ڪورس جي انداز ۾.

◈



غزلَ

سار، ڪا هڏڪي ٽي هنيانءُ لُڇيو آهي،
گهر جي ٻگل ٻت تي ڪانءُ لُڇيو آهي.

روح تہ پياسو هو پر سيراب ٿيو،
ٿوٿ چپن تي ڪو نانءُ لُڇيو آهي.

ساقيءَ منهن ڦيريو، سُرڪيءَ جي خواهش،
هٿ خالي ئي رهيا ٽانءُ لُڇيو آهي.

ڦهرَ ڪلاشن جا، ڳيرو ماريا ويا
گونج انهيءَ ۾ سڄو گانءُ لُڇيو آهي.

پياري، متواري تون ڇا ڏُور وئينءَ،
ڏات لُڇي آهي، ڏانءُ لُڇيو آهي.

ننڊ رسي وئي، خواب بہ ڪهڙي ڪم جا.
جيئڻ جا اسباب بہ ڪهڙي ڪم جا.

نيٺ جڏهن ٽين، روئڻ جي لئہ راضي،
مرڪڻ جا آداب بہ ڪهڙي ڪم جا.

جڏهن اسان جا ٻُکَ ورايا پاسا،
سپنا، شعر، ڪتاب بہ ڪهڙي ڪم جا.

ميري گدلي ٻار کان نفرت ڪن ٿا،
ها، سي عزت مآبَ بہ ڪهڙي ڪم جا.

توکان جڏهن "سراج" چُميون چورايون،
هاڻي يارَ حجاب بہ ڪهڙي ڪم جا.

هٽندو ٻيجَلُ کا سَئنَ ڪاٿي آ؟
ڏياڄ کي پاڻ ڇينُ ڪاٿي آ؟

هاڻ ماحول ڪجھ ويو متجي،
عشق جو عينُ غينُ ڪاٿي آ؟

عام ماڻھن اڳيان نہ روءُ چريا،
ڇو تہ احساس کين ڪاٿي آ.

ڀل تہ اکڙين تي جڳ ھٽي پھرا،
دل تي لڳندو ڪو بينُ ڪاٿي آ.

ڪيترائي يزيدَ سامھون ٿيا،
ڏسُ ڏِيو ڪو حُسين ڪاٿي آ؟

هڪڙي چانهه جي ڪپ تي رات گذاري سي،
ءِ سگريٽ ۾ چپ تي رات گذاري سي.

سور جي سَٽَ اُپري، هوءَ ٻئي جي پاڪ ۾،
تلخي، درد، سهپ تي رات گذاري سي.

ماروئڙن جي سانجهه، سرنهن جو ساڻ الا،
اوڏر جي اَنَ لپ تي رات گذاري سي.

آزاديءَ جو شاهي رستو ڪونه مليو،
گولپ واري گَپَ تي رات گذاري سي.

سڪ ۾ جيڪي سور مليا من موهي ويا،
ڪنهن خاموش تڙپ تي رات گذاري سي.

يارَ "سراج" وري ڪنهن پاڳل پٿر هنيو،
ڦٽجي پيي ڏاهپ تي رات گذاري سي.

سوچَ ۔ سَتي ڇوڙها ٽي ڳاڙي،
لاکَ رتي ڇوڙها ٽي ڳاڙي.

سهڻي نينگرِ، ڦوڪن سان،
باهه متي ڇوڙها ٽي ڳاڙي.

ٽانڊاڻن جا ڪٽڪ ڏسان ٽو،
جڙ ته ڳَتي ڇوڙها ٽي ڳاڙي.

دل جي چولي کي ته لڳل،
هر ڪا چَتي ڇوڙها ٽي ڳاڙي.

بجلي فيل "سراج" ءِ مون سان،
ميڙ بتي ڇوڙها ٽي ڳاڙي.

هٿن سان زهر پياري مون کي،
هارِ ڇو ٿو ڪو جيئاري مون کي؟

هارُ ايمان تي ڇو ٿو سمجهي،
ڪُفرَ جو لقب ڏياري مون کي.

صِرف محبوب جي هوندي آهي،
سار سانوڻ ۾ سياري مون کي.

دل کي تنها ڪري مشهور ڪيو،
لوڪ ۾ نِينهَن نياري مون کي.

اي "سراج" آس کي وارن کان جهَلي،
ڏک ڏنا دوست پياري مون کي.

جڏهن آس جا گل ٽڙي ٽا پون،
املتاس جا گل ٽڙي ٽا پون.

چنبيليءَ جي سرهاڻ آ ساهه ۾،
سندس واس جا گل ٽڙي ٽا پون.

جڏهن درد ڪوئي ملي ٿو پيو،
تہ احساس جا گل ٽڙي ٽا پون.

ستارا ستارا لهي رات ٽي،
جڻ آڪاس جا گل ٽڙي ٽا پون.

تون مڏ جيئن حواسن تي ڇانيل رهين،
منڀ! پياس جا گل ٽڙي ٽا پون.

وڏو هن ڳالهه تي ويساهُ آهي،
ڪراچي سنڌ جو ئي ساهه آهي.

لکين آباد ٿيا ڏرتيءَ ڏڪاٽا،
انهن سان پنهنجو ڪهڙو ناهُ آهي.

هٿن سان هارَ پارايم پرينءَ کي،
چپن سان چونڊيو مون چاهه آهي.

وري کڙڪا، کهاڙين جا ڪنداسين،
اها آٿت، اِهو اُتساهُ آهي.

رڳي رُڃَ ڪربلا جي ڏيک وانگي،
بنا پاٽي سنڌو درياهُ آهي.

ته ڪهڙو قدر ڄاڻيندو وفا جو،
نه جيڪو درد کان آگاهُ آهي.

"سراج" آخر پلا ڪيڏانهن ويجي،
اڳيان پاٽي، پٺيان آڙاهه آهي.

درد، اٽپوريون خوشيون ڇا دان آ؟
عاشقيءَ جو هي بہ ڇڙ احسان آ.

اڄ خطن جي ڪابہ خوشبو ڪانہ آ،
ڇا وسارڙ ايترو آسان آ؟

ڇو نہ آڏر پاءُ لئہ چمڪن اکيون،
دُور کان آيو ڪوئي مهمان آ.

تون پکيءَ جيئن او سکي اُڏري وئينءَ،
ڳوٺ آکيري جيان ويران آ.

منهنجو من ڇڙ آهِ موهن جو ڏڙو،
تنهنجون يادون ڪو لڏل سامان آ.

وُڻي جي واءُ، وِڇُ ڪٽڪي نہ آهي،
هي تنهنجي گهُورَ ۾ي گهٽ ڪين آهي.

تون پنهنجي لوڏ تي، مان هوڏ تي هان،
هي فطرت آ پرين ڇٽڪي نہ آهي.

وري ڇا نئي گلابي بي حجابي،
اسان جي دل ڪڏهن هٽڪي نہ آهي.

هلون ٿا چنڊ تنهنجي چيچ پڪڙي،
ستارن ساڻ اک اٽڪي نہ آهي.

تہ ٻڌ جاني! اِها تنهنجي جواني،
دکن جي دارَ تي لٽڪي نہ آهي.

نہ ڪنهن روڪي اڃوڪي سنڌ وانگي،
اسان جي سوچ بہ ٻڏڪي نہ آهي.

مون ائين شامَ ملهائي آهي،
پنهنجي جند جلائي آهي.

قلم، ڪلا جي احساسن تي،
ڪنهن بندوق هلائي آهي.

نديڙي پار جيان من منهنجو،
تنهنجي مُرڪ ملائي آهي.

ها تہ بُري هن جڳ ۾ جيڏِيا!
تنهنجو پيار پلائي آهي.

هي اکين ۾ لڙڪ دردن جا فسانا ٿا رکن،
ءِ ويجايل ٿهڪ ۾ هڪڙي معنيٰ ٿا رکن.

پاڪرن جا پاڃ ڪولي مسڪرائي ٿا ملن،
پنهنجي آڏو يار خوشبوءَ جا خزانا ٿا رکن.

سنڌ جا مسڪين ماڻهو ٻاجهريءَ جي ٻاجهه تي،
سپ سنيالي درد ءِ سپنا سهانا ٿا رکن.

ڪنهن گلابي گهور جا گهايل اسان جهڙا "سراج"،
سرحدون ساريون لتاڙي دوستانا ٿا رکن.

ڏات لٿي ۽ ننڊ ڦٽي،
ياد ورائي ٻانهن ٻڌي.

ڳاڙها ڳيرو پُٽَ جڙيا،
ڇو نہ لهي هيءَ مانُ مِٽي.

ٻُکَ تي ٻار سُمهاري ٽي،
اک نہ لڳائي پاڻ پٽي.

آزاديءَ جا خواب نہ کَس،
نعرا لڳندا گِهٽي گِهٽي.

اکڙين جو طلسم توبهه،
چنڊ کان وڌ تصوير چٽي.

ڏرتي، سرتيءَ لاءِ لکان،
شاعر ساري سوچ سِٽي.

پلي نہ ڪوئي ڏيئو ٻارِ،
چانڊوڪيءَ ۾ چَپ ٿيا چارِ.

فطرت مهڪائيندي رنگَ،
وينگس پنهنجا وار سنوارِ.

ڪَٽِين ٿي تڪڙا تڪڙا ساهِ،
ويجهو ويهِ وِڪُنِ ڪي نارِ.

سامهون بينل چنڊ "سراج"،
ڪنهن جي نيٽن منجهه نهار.

اکين جي اشارن تي پٽراءُ جانان،
اسان پيار وارن تي پٽراءُ جانان.

سَدا سرخ سپنن، چنبيليءَ چُمين تي،
چپن جي ڪنارن تي پٽراءُ جانان.

تنهنجا نيٽ آهن نيون ڪربلائون،
اُجارن اُجارن تي پٽراءُ جانان.

سجي آڏ صديءَ کان اسان جي اڳُڻ تي،
گلن، گيت، ٻارن تي پٽراءُ جانان.

اياز ۽ نہ استاد، سرڪش جُهڪيو آ،
ٻٽائيءَ جي يارن تي پٽراءُ جانان.

وڏي ڳوٺ ۾ رات هاريُن جي ٻارن،
ڪيائون ستارن تي پٽراءُ جانان.

اکين ۾ خواهشن جا ڏيرَ آهن،
تتل ڏرتي، اگهاڙا پَيرَ آهن.

او پاڳل! آرسي ڪوڙي نہ آهي،
چڙهيل چهري تي ڪيئي ميرَ آهن.

ڏيئي جي روشني ڪافي نہ آهي،
الائي ڪيترا انڌيرَ آهن.

زماني جي نہ آ پرواهہ ڪائي،
تون مرڪي ڏس تہ من! ست خير آهن.

ها جيڪا راهہ ڪلهہ منصور ورتي،
اسان جا پي ڏڻل گهَٽَ گهيرَ آهن.

پسون ٻئي ٻهڪندڙ ٻيرين جو جوپن،
پڪا سنڌوءَ ڪناري ٻير آهن.

سِڏا، سادا، سپاجها لفظ تنهنجي سارَ سنڌيءَ ۾،
وري ڪا ياد تنهنجي آ ٻکي ٻِيهار سنڌيءَ ۾.

وڇوڙي جا سوين ورلاپ منهنجي شاعري آهي،
ڀٽ تون پيي ٽي وئي آهين او وينگس ڏار سنڌيءَ ۾.

سَوَنِ چاهيندڙن جا چَپ، چمڙ جي لاءِ آتا ٽيا،
دريءَ وٽ هوءَ سنواري آهه بيني وار سنڌيءَ ۾.

هو برگر فيملي جا فرد، ڪامورا ۽ آفيسر،
ڪراچيءَ ۾ پڙهائين شال پنهنجا ٻار سنڌيءَ ۾.

نه ٻي ٻوليءَ ۾ اظهار جا رستا گهڙيا آهن،
اسان جي شاعري آهي ڪندي سينگار سنڌيءَ ۾.

جي، راتِ جي جهول جهانورن کي ڪٽي اچي ٿي،
اڏامندي سار سانورن کي ڪٽي اچي ٿي.

الائي ڪهڙي وسن ٿا ويڙهي اداس من ۾،
تہ چنڊ جي ياد بانورن کي ڪٽي اچي ٿي.

پريان ڏسان ٿو ڪُليل آ ڪِڙڪي ڇڙي ٿي وينگس،
پکيءَ جي ڇهنب ڇانورن کي ڪٽي اچي ٿي.

هي ڪُونجڙيُن جي قطار ۽ شاعري لهي ٿي،
شَفق رتي شام ڇانورن کي ڪٽي اچي ٿي.

خوشبو خوشبو هر پل آهي،
لهرايو تو آنچل آهي.

تنهنجي گهر تي اڄ ۾ وسندو،
بيٺو جيڪو بادل آهي.

مُرڪي مَنَ سيراب ڪري وڃ،
ڏاڍو روح اُجايل آهي.

تنهنجو "سراج" تہ تو بن گوري!
ڪيڏو هيڪل وياڪل آهي.

ڪيستائين ڪو جيئي هن حال ۾،
زندگي گذري سڄي جنجال ۾.

ڪيئن اٽڪل سان وڪڙ ڇوڙي ڇڏيئ،
تو ٻڌا ها قول جي رومال ۾.

ائين قُربتَ ۾ نہ ڪر شامل فريب،
هي محبت ڇو آ تنهنجي خيال ۾.

شام جو ڇڙ سج لٿو سنڈوءَ مٿان،
ويڑهجي آئينءَ ڳاڙهي شالَ ۾.

مکڙين کان مرڪ جو حق ٿو کسي،
لوڀ هئي ڪا، باغ جي رکوالَ ۾.

شينهن جي اکين ۾ ڪاري بک هئي،
ءِ هرڻ جي بيوسي هئي ڇالَ ۾.

هڪڙو مفلس شخص، ڪيڏ ٻارن جي لوڻ،
لڙڪ لاڙيئين حال ۽ احوال ۾.

شهر ڇا وئينءَ ۽ اتان موٽينءَ جڏهن،
تون بدلجي وئينءَ هڪڙي سال ۾.

ضبط جو دامن ڇڏيو ناهي "سراج"،
حادثن جي ٻيڙ ۽ ٻونچال ۾.

مون کي جاڳائي وري ننڊ نہ ڪر،
ٿورڙو سوچ چريا ننڊ نہ ڪر.

تون ڪليل رهہ نہ ڪڏهن ٻوٽ اکيون،
منهنجي پاڙي جي دري ننڊ نہ ڪر.

پيار جي باهہ تي هٿڑا سيڪيون،
ڏس وئي رات ڏري ننڊ نہ ڪر.

او مسافرا اَڻِي شاهي رستو
رکي يادن جي ٻري ننڊ نہ ڪر.

رات اڌ رات اٿي جاڳ "سراج"،
شاعري ڳالهہ ڳري ننڊ نہ ڪر.

پياڪَ ۽ وسي ماڪ سُرڪي سوائي،
اهو مئڪدو درد توڙي دَوا، ئي.

لُڏيا رات خانہ بدوشن جا خيما،
شڪاريءَ جي بندوق فائر هوائي.

پلا غير جي ڇا شڪايت ڪجي ڪا،
ڇڏي ٿا وڃن درد ۾ همنوا، ئي.

مڇيءَ جيئن پاڻي ڪان ٻاهر پئي ڦٽڪي،
ڪٽي مون سڄي عمر ائين تو سَوا، ئي.

"سراج" آهي دل جو سچو سور اوريو،
غزل، نظم ۽ گيت ڪافي نہ وائي.

ڪين ڪا حد اورانگهي سوچيو،
مون نہ ڪڏهن تو وانگي سوچيو.

توکي ڪو احساس نہ منهنجو،
ءِ مون تولئہ تانگهي سوچيو.

صرف هلائڻ واري سوچيو،
گهوڙي سوچيو نہ ٽانگي سوچيو.

ميلا لڳندا، گهنگهرو ٽُٽندا،
ائين نہ هو هُن نانگي سوچيو.

اَيرن غيرن سان مرڪين تون،
ڪڏهن نہ منهنجي سانگي سوچيو.

اکين ويسَ ڳاڙها ڪيا، رت وريو
هٽي لڙڪ چغلي نہ رسوا ڪريو.

جڏهن ٻِي مان سنگسار ٿيندو رهيس،
محبت، سدا ياڪرن ۾ پريو.

اکيون ۽ چميون، چاهتون راهہ ۾.
مون سجدا ڪيا پي نہ پٿر ڳريو.

ٿڏا ساهہ ويڑهي ڏنم چنڊ کي،
تہ چئجانس هي، ڏيان ڪوئي ڏريو.

نہ تون سمجهہ لفظن جي جادوگري،
ڏُکي چٽنگ من ۾، ڪو مچ آ ٻريو.

مليل ڪنڊ ۾ زهر هوندو "سراج"،
مڻا بي سبب ڪير ناهي ڪريو.

شعر، پهاڪا، ڏوڙ، پرولي،
ها، هيءَ ٻاجهارن جي ٻولي.

لفظن ۾ الجهائڻ وارا،
رِيت ۽ پريت اسان جي سئولي.

بندوقن جي ڇانوَ ۾ عيدون،
ڪهڙي ڏياري ڪهڙي هولي.

پنهنجي هوڏ ڪچي جا گهر ڇڻ،
تنهنجي لوڏ سنڌوءَ جي ڇولي.

شل ڪينجهر هندورو ٽي پئي،
پٽ جا شاهه جهلي ٽمر جهولي.

ذهنَ نگر ۾ ساڻو ڏي،
پٽڪيو خيال اگهاڻو ڏي.

ڦلواڙيءَ ۾ اَڪَ ـ ڦلڙيون،
ڪنهن پرينءَ جو پاڻو ڏي.

منهنجي (ها) جي گردن ۾،
تنهنجي (ننهَن) جو ناڻو ڏي.

من جڙ ڪا مسواڙي جاءِ،
روز پريان ٿو پاڻو ڏي.

پاڻَ غلامَ ملهايون ڪيئن،
آزاديءَ جو ڏهاڻو ڏي.

نڑڻ کان اڳ ٽُٽا آهن،
هي کهڙا گل ڦُٽا آهن.

جميو هي نسل کهڙو آ،
چڳن پويان چُٽا آهن.

نہ ڀهڪيا ٻانهن تنهنجيءَ ۾،
تہ ٻانهوٽا، ٻُٽا آهن.

آ ساڳيو قيد پيچرن جو،
ڪٽي ساٿي ڇُٽا آهن.

جڏهن کان ڏار ٿي وئي آن،
تہ سوچن کي گهُٽا آهن.

آ مقتل گاهہ جو رستو،
جتي پيرا ڪُٽا آهن.

منهنجا هٿ تنهنجي ڳلن جي مٿان،
۽ سورج جهڪيو بادلن جي مٿان.

زماني جا زنجير ٽوڙيون اسين،
نہ پهرا ڏيو پاڳلن جي مٿان.

اهي سونهن جا ڪيت ڪِلندا ڇڏيو،
لتاڙيو نہ ساون سلن جي مٿان.

ايا دل جي پاڙي ۾ تون ٿي وسين،
ايان ماڪ وسندي گلن جي مٿان.

"سراج" چميون ئي چپن تي نہ،
تِڪون ٽمڪنديون هن ڇلن جي مٿان.

هِيرَ خوشبو ٿي گهُلي ٿي،
ءِ دري ٻاهر کُلي ٿي.

تو وجي ويڙهو وسايو،
ءِ محبت کا رُلي ٿي.

اي سنڌوا مانارَ ڇو آ،
کين کا ڇولي ڇُلي ٿي.

مان رهيو ساڳيو نہ آهيان،
هوءَ، سڃاڻپ ۾ پُلي ٿي.

ڪنهن جي لڙکن جي ڪهاڻي،
اڄ هوائن ۾ هُلي ٿي.

جڙ پراٽن خطن جيان آهن،
درد پي دوستن جيان آهن.

نيٺ ٽارين منجهان ڇٽن هر پل،
خواب، پِيلن پتن جيان آهن.

ڇانوَ جي آس ۾ سڙيا آهيون،
ڏيک، ڏِينهن تتن جيان آهن.

فاصلا طئ نہ ٿي سگهيا تو بن،
پيچرا پربتن جيان آهن.

سچ پچين جي "سراج" جا احساس،
تنهنجي اجرن هٿن جيان آهن.

زندگي درد جي رشتن سان پري پئي آهي،
توکي پرواهہ نہ ڪا تنهنجي سري وئي آهي.

ديد سان ديد ملي، پيارجا جذبا ڏڙڪيا،
دل ۾ ڪا چٽنگ لڳي، باهہ ٻري پئي آهي.

چنڊ چوڏهينءَ جو هيو مون کي ٻڌائي مرڪيو،
ننڊ گهريءَ ۾ خوابن جي پري پئي آهي.

تنهنجي چهري تي پگهر جا هي ڦڙا چمڪن ٿا،
جڙ گلابن جي مٽان ماڪ وري پئي آهي.

ها اِها پڪ آ منهنجي وار تو کوليا هوندا،
هير ڏڌڙي ٿي لڳي رات ڏري پئي آهي.

ڪنهن مُرڪ جو مجازُ ضروري آهي،
ڪو دوست دل نواز ضروري آهي.

ڏئين ٿو هزار درد، خوشي ڏي هڪڙي
جيئڻ جي لئ جواز ضروري آهي.

ماڻهن کي گهر، اٽو ۽ لٽو ڪونهي ڪو
*ڇا چؤنڪ تي جهاز ضروري آهي؟

ها شعر ٿا "سراج" لهن راتين جو
جذبن ۾ سوزو ساز ضروري آهي.



*(جگن ناٿ لائبريري شڪارپور جي پرسان پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ وزير دفاع آفتاب شعبان ميراڻي جي ڪوشش سان لڳل جهاز.)

چنڊ، چونئري ۾ وڃي ورتي پناهه،
ڀ ڏٺي هن کي ٿري سرتي پناهه.

لاڙ جي ٻولي ٽِڪون گج تي ٽڙن،
ڀ اکين ۾ سونهن جي پرتي پناهه.

ٿر ڀ تر تي وُٺي جي واءُ جي،
بادلن جي ديس کي پرتي پناهه،

هر سمي لالوءَ واري لوڏِ کان،
ها گهري ٿي سنڌ جي ڌرتي پناهه.

سنڌ ازل کان اڳ موجود.
سوچ، ڪوءَ جي آ محدود.

ڳوناٽا، تانڊن ـ مچ، راڳ،
رقص، جمالو ساز سُرود.

منهنجو ٻنئوري جهڙو پيار،
تنهنجو وَلڙين واس وجود.

منهنجي من جو ڳوٺ سڙيو،
تنهنجي نيٽن ۾ بارود.

طبيعت بي چئي آهي تہ چا ڪريان؟
محبت ٿي وئي آهي تہ چا ڪريان؟

اڇا ڪپڑا ڪري تو سان ملڻ آيس،
ڇِ رستي ۾ رئي آهي تہ چا ڪريان؟

ڏَسيو پنهنجي ودِيءَ جو ويچ ڪو آهي؟
اِها پنهنجن گَئِي آهي تہ چا ڪريان؟

نشن ۾ تنهنجي چپڑن کي چهيو هوندم،
خطا جي ٿي پئي آهي تہ چا ڪريان؟

"سراج" آ پيار تي پهرو سدا جڳ جو،
جواني، بي پئي آهي تہ چا ڪريان؟

سوچ گُهٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي،
باک ڦُٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي.

مون سان گوري رات گذارڻ آئي،
لاک لُٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي.

مون کي چيائين سونيون چوڙيون گهرجن،
ٻانهن ٻُٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي.

پوک بہ پوري، قرض اڃان رهجي ويو،
هيل ڇٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي.

ڇو دل جو دنبور وڄي چپ ٿي ويو،
تار ٽُٽيءَ جو ساٿ اڏورو آهي.

هڪڙي برڪا شام ڪٽي آيو آهيان،
مِينهن وساڙا جام ڪٽي آيو آهيان؟

هوءَ جمونءَ جي ٽاري ڪالهه وڏي ويو ڪو،
مان پي هڪڙي لام ڪٽي آيو آهيان.

تنهنجي شهر جي شوخ هوائن کي سجدو،
ڪفر ڪيم الزام ڪٽي آيو آهيان.

مان شاعر هان پاڪر ۾ انگور وليون،
ڪيڏي سونهن اڏام ڪٽي آيو آهيان.

لاڙي لڙڪ "سراج" پرينءَ جي پاڙي مان،
اڻ پورا آرام ڪٽي آيو آهيان.

هي پن ڇڙ آ موسم جي هٿ ۾ ڇريون،
۽ خوشبو وڃائي ڇڏيون آڳريون.

محبت جي هڪڙي چمي ڏيڻ تي،
وري ڪنهن ٻڌائي ڇڏيون ست سُريون.

ويڇوڙي ۾ مون ويس ڪارا ڪيا،
نہ ڇو تنهنجون چوڙيون ڀڳيون ۽ پُريون؟

منهي، ماڪ ڪان پاڪ تنهنجو بدن،
مگر جڳ جون اٽئي نگاهون بُريون.

اسان وٽ ٻلا پوءِ بچندو بہ ڇا،
اگر ديس دشمن هي ويندا ڦريون.

اياز ۽ ڀتائيءَ سان گڏ رات ڀر،
اسان سنڌ تو لئہ دعائون گهريون.

مِينهن جي شام ڏيو جام جهڙالي خوشبو،
هوءَ برسات ۾ نڪتي تہ ٿي آلي خوشبو.

رات، رُتِ، چند، ستارن کان پڇان ٿو تنهنجو،
تنهنجي تصوير مٿان نير خيالي خوشبو.

روز ميندیءَ جا هي هُٻڪار گلابي موسم،
مون سدا سار جي او يار سنيالي خوشبو.

ديس دودي ۽ دريا خان جو سپنو آهي،
سنڌ جي سينڌ ۾ سِندور حلالي خوشبو.

تنهنجي هٿڙن جو تہ ون واس سجاٽي ٿو وٺان،
مون کي تنهنجي ٿي ڏَسي چانهہ جي پيالي خوشبو.

ڪالھ ڪراڙ تي ڪڪري برسي،
شاعرَ شيخ ايياز جي ورسي.

تنھنجي ساھ سڱنڌيءَ ڪارڻ،
ھڪ ھڪ گل جي خوشبو ترسي؟

ڪلندي ڪلندي زھر ڏئين ٿو
پنھنجو ٿي ايڏي بي ترسي؟

ڏرتيءَ جي تاريخ پڙھي آ،
سائين! ڪول ڪتاب نہ درسي.

تنھنجي لوڏ ۾ ھوڏ تي حق آ،
جيڏن منجھ "سراج" کي سرسي.

ڦول وتي آ ڦول ڳلي پويان،
هوءَ ستل آ جاڳ جلي پويان.

ٿڪ وکيري اڳتي نڪري وئي،
مون ڳوڙهن جي ڳالهه سلي پويان.

سنڈ سهاڳڻ تنهنجي وارن جي،
هيءَ شفق جي شام هلي پويان.

پيار مسافر ڪوٽي سج چيو،
آءٌ هلان ٿو آءُ پلي پويان.

باغ جي خالي بينچ تي هوءَ ويٺي،
پنؤرن جا پٽڪات ڪلي پويان.

رات جا نيٺ ٿا ٺرن اچ نِي،
پٽين تي ديپ ٿا ٻرن اچ نِي.

منهنجا احساس توکي سجدا ڪن،
توکي دل جي سڏيو درن اچ نِي.

ڀ مان مجنونءَ جي صدا وانگي،
آجيان ڪئي آ پٽرن اچ نِي.

سنڌ جا ڳوٺ جن جي ياڪر ۾،
شام جو مال ٿا ورن اچ نِي.

ڏي ڪو جيئدان منهنجي جذبن کي،
منهنجا احساس ٿا مرن اچ نِي.

چنڊ ڀ سان جام موسم کي،
موهه بخشيو آ منظرن اچ نِي.

درد جون سپ ڳليون "سراج" رليون،
مون کي گهايو سين گهرن اچ نِي.

سچ ڏي، سونهن ڏي، سُر ۽ ساز ڏي خير هجي،
دل جي موسم، مُرڪ، مجاز ڏي خير هجي.

باغ ۾ گل، پنؤرن جا ڳاهٽ، مهڪارون،
ها، شَلَ ڪويل جي آواز ڏي خير هجي.

ٻانهون لوڏي چوڙيون ڇنڊي آهين تون،
تنهنجي ڪاوڙ جي انداز ڏي خير هجي.

اکڙيون اکڙين ساڻ ملن ۽ پيار وڏي،
من جي سجدن، نينهن نماز ڏي خير هجي.

يار "سراج" ڪراڙ ڪنڊي، موهن، مڪلي،
سنڌ، پٽائي، شيخ ايياز ڏي خير هجي.

سجني! تو ڪي ٿهڪ ڏنا،
روڪي روڪي ٿهڪ ڏنا.

شام لٿي هئي آڇر تي،
خواب ڪلهوڪي ٿهڪ ڏنا.

رات جو من ماتم ماتم،
ڏينهن اڇوڪي ٿهڪ ڏنا.

اڏڻيو چولو ململ جو،
در جي ڪوڪي ٿهڪ ڏنا.

منهنجي خلوص، وفائن تي،
تنهنجي ڏوڪي ٿهڪ ڏنا.

نہ مان مجنون آهيان نہ تون آهين ليلا،
اسين پيار جي شهر ۾ ٻئي اڪيلا.

ڪتابن جي صفحن تي ناهيون تہ ڇاهي،
جدا جسم آهيون تہ روحن جا ميلا.

متارن قطارن ۾ بيهي پڪاريو،
ڪجان قرب موکي! پروڪو اچي لا.

وري شاهہ سچل ءِ سامي رنا ها،
ڏسي سنڌ جي سونهن جا منهڙا ٻيلا.

"سراج" آ سدا سوچ آزادگيءَ جي،
ڪڏهن نيٺ لهندا هِي ڳهڻا ڳهيلا.

مان جاڳان جلان ٿو ٿيا رات جا ٽي،
نہ ڪوئي ويجوڻن جو شل قيد ڪاٽي.

الائي تہ ڪيڏانهن منزل جو ڏس آ،
مسافر منجهائي ڇڏيو ويهہ واٽي.

او موڪي! او موڪي! تنهنجي ريت اوکي،
متارن کي هِرکائيو مڏ جي ماٽي.

وري ديد ڪا عيد جي ڏينهن وانگي،
وري چنڊ جو هو ڏنو ڏيک ڏاٽي.

نہ ڪا پيار ۾ دل ٽُٽي اي "سراج"،
ٽُٽي پل تہ شيشو لٽو پل تہ ڦاٽي.

او جانان! اهي ٿهڪ تنهنجا رسيلا،
جيئڻ لئہ جتن، خوش رهڻ جا وسيلا.

پلئہ جيئن ساڻهيءَ جو مرڪي ورايُئِہ،
ڏتاري ڏتاري تو دلڙي ڪسي، لا.

ڪتابن کي ڪاوڙ ۾ اڇليئہ انهن تي،
گلابي ڇپن جي لپ استڪ گسي، لا.

اهو ٿر جو گهر ماءُ جيڏيءَ پڪاريو،
وڃان مان ولهاري، ملهاري وسي، لا.

"سراج" اڄ ڪُلياسين وري ڦول وانگر،
تڙپا خواب منهنجا پرينءَ کي پسي، لا.

وقت ۾ حالتون،
جڙ پڻيءَ ۾ لتون.

ليڙون ليڙون اندر،
پاڻ ڪلندا وتون.

جڳ پوکي ڇڏيون،
پيار ۾ نفرتون.

ساهه کان ويجهڙو،
ڏور مون کان نه تون.

درد جي شهر ۾،
خواب ۾ چاهتون.

ڪيئن گڏ ٿيون هلن،
بک ۾ شهرتون.

اي "سراج" آءٌ ڏيون،
قوم کي آڇتون.

روز دشمن تپيا ٿا وڃن،
يار پيي تڙپيا ٿا وڃن.

اک ملايم ته واڪا ٽيا،
هو ته لوڙها ٽپيا ٿا وڃن.

مان ڏسان ٿو ته وحشي سيئي،
گلَ گهرن ۾ ڏيپيا ٿا وڃن.

مان جهڪان ڪونہ ٿو جيب ۾،
نوٽ نيرا نہ پيا ٿا وڃن.

ٻيو ته ڪجهہ پي نہ محبوب کي،
شعر ئي ارپيا ٿا وڃن.

سنڌ جي لاءِ وڙهندي "سراج"،
ڪنڌ ڪيڏا ڪپيا ٿا وڃن.

ها مان بہ هجان ۾ هو بہ هجي،
موتئي جي ٻِنل خوشبو بہ هجي.

ڀڃندا بہ رهون، چوليون بہ ڏسون،
سانوڻ بہ هجي، سنڈو بہ هجي.

ڪو ٻار اچي پڪڑي ان کي،
ڪا شام هجي، جگنو بہ هجي.

ڪا ڪيئن ڪنواري پاڻ پلي،
سڏ پنڌ پريان ڇيرو بہ هجي.

بس سنڈ جي باري ۾ سوچيون،
هيمون بہ هجي، هوشو بہ هجي.

هڪ شخص ٻلا ڪيڏانهن وڃي،
خنجر بہ هجي، اَبرُو بہ هجي.

ازل کان نيڙ اوجاڳن جا ماريل،
اسان جڙ پاڻ ۾ي پاڳن جا ماريل.

وڃائي چنگ ٽو ٻکرار سوچي،
رڳن ۾ راڳ ويراڳن جا ماريل.

ڇ گهر ۾ ٻِيرُ، اي-سيءَ ۾ ستل هو،
رليا ماڻهو سڳن ڏاڳن جا ماريل.

نٽا جهومئون ڪڏهن ڏسکو جي ڏن تي،
اسان جا روح هِن راڳن جا ماريل.

"سراج" آ سنڌ سپنن ديس جهڙي،
اسان شاعر منن ماڳن جا ماريل.

نيٺ اوجاڳيلَ ٽڪاوٽ درد جي،
دل جي ڪمري ۾ سجاوٽ درد جي.

ڪنهن ڪنواري چوڪريءَ جو انتظار،
پر، پَريان آئي پئي آهٽ درد جي.

گهاو تي ٽي گهاوَ ڏئين جهوليون ڀري،
ڏِس ڀري پئي آ ايان کٽ درد جي.

مان خوشيُن ۾ ڀِي ڪِلي ناهيان سگهيو،
ڪيئن سهي سگهندس ڀلا سَٽَ درد جي.

تنهنجي هڪ هڪ سور تي تڙپي "سراج"،
آ قبولي مسڪراهٽ درد جي.

تنهنجي سار جي موسم آئي،
ڇڻ تہ بهار جي موسم آئي.

وِکَ وِکَ سُرهي، چور جوانيون،
نيڻَ نهار جي موسم آئي.

تنهنجن هٿڙن جي ميندي آ،
جا، هيڪار جي موسم آئي.

آءُ تہ جام چپن تي چاڙهيون،
يار خمار جي موسم آئي.

ڏي منصور ملهائي ويندس،
جڏهن بہ دار جي موسم آئي.

لهجن منجهہ ڪڙاڻ ڇو آڻيون،
ماکيءَ ۽ لار جي موسم آئي.

وڃوڙي جون وليون تازيون لڳن ٿيون،
ءِ ڪوندين ۾ ڪليون تازيون لڳن ٿيون.

پرينءَ جو جسم ڪوئي خواب آهي،
ٻہ تعبيرون هليون تازيون لڳن ٿيون.

اَڏيا خيما وري خانہ بدوشي،
گڏهہ واريون جهليون تازيون لڳن ٿيون.

پراٽيون يا نيون جنهن تنهنجون ڳالهيون،
ستارن سان سليون تازيون لڳن ٿيون.

"سراج" آ سوچ ۾ اي زلف جانان،
اهي تنهنجون ڳلِيُون تازيون لڳن ٿيون.

چنڊ چشمي جَي متان ٻيهي رهيو،
سنڊ جي نقشي جيان ٻيهي رهيو.

منهنجي آواره چميءَ سان ٽي ويا،
سرخ ڳل، تازو نشان ٻيهي رهيو.

چوڪري خيرات ڏئي سوچڻ لڳي،
چو ڀلا سائل ايجان ٻيهي رهيو.

سپ ڇڏي ويا عاشقيءَ جي راهه ۾،
درد هڪڙو مهربان ٻيهي رهيو.

پاڻ کي سينگار آئينو نہ ڏس،
چلڪي پوندءِ چوڪري سينو نہ ڏس.

سالگرھ تي سپ جي نيڻن ۾ نھار،
ڪيترو آ قيمتي تحفو نہ ڏس.

سپ چريا ٿئي چاڪ ٿئي چولو متان،
ڪنھن کي وينگس ايترو ويجھو نہ ڏس.

توکي لڳندو پاڻ جھڙو ئي اداس،
پن ڇڙَ جي شامَ آ پاڇو نہ ڏِسُ.

رات جو روئيندو بہ آ تنھنجو "سراج"،
صرف ھن کي ڏينھن جو ڪِلندو نہ ڏس.

چو لڇين ٿو چيو لوڪ آ،
پوءِ پي ولولو وڙڪ آ.

يار سان ڪمپنيءَ ۾ مزو،
ڪڏهن وهسڪي، ڪڏهن ڪوڪ آ.

شبنمي ديد محبوب جي،
ڪڏهن نيزو، ڪڏهن نوڪ آ.

ڪوئي مون ۾ عنايت هيو،
ڪلهه ٻڌايو جهُري جهوڪ آ.

سانوري ڏس رکي آ وئي،
مکڙ سان مانڙي سوڪ آ.

هڪ طرف زلف زندان ٻيو،
راهه ۾ ڪيتري روڪ آ.

توڏي مان پِرين ايندس، ڪم ڪار کان واندو ٿي،
پر شرط اِهو تون پِي، سينگار کان واندو ٿي.

هر صبح اٿي ننڊ مان، تصوير چُمان تنهنجي،
ڪمري جي دِرِي کوليان، ديدار کان واندو ٿي.

مظلوم جي ڳوڙهن کي، بس ڪيش ڪرائن ٿا،
هِت سنڊ جو هر ليڊر، ڪردار کان واندو ٿي.


وِسڪي ۽ جوانيون ڪي، پوتار جي بنگلي تي،
بي باڪ صحافي ويو، اخبار کان واندو ٿي.

سارين جا ٻہ تي گاڏا، ڇيلا ۽ ريڍون ـ پاڏا،
هُو پِيرُ وري موٽيو، ڦُر مارَ کان واندو ٿي.

ختمي جي پِلي ماني، تي صرف مُلان جو حق،
بنديءَ کي وساريائين، دستار کان واندو ٿي.

اڏ چانهہ جي آرڊر تي، سگريٽ سوال جو پي!
هي ڇا ٿو لکي شاعر، گهر ٻار کان واندو ٿي.

هڻ هڻ جو جهان آهي، فرصت جي گهڙي ناهي،
ڪوئي نہ "سراج" سگهيو آزار کان واندو ٿي.



پنجڑا

*هو هاڻ بندي خاني مان ڇٽو،
بدراهه ڪوئي اوڏو نه اچيس،
ايمان کي پيي لوڏو نه اچيس،
جڙ سنڌ تان هڪ زنجير ٽُٽو،
هو هارِ بندي خاني مان ڇُٽو.

▫

خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري، تنهنجا ساهه گلاب،
ڇا ته ادا، ڇا لوڏ ٽئي، لاڏا ڳائين ٽي،
شادي ڪنهن ٻيءَ جي الا، تون شرمائين ٽي،
ميري جڳ ۾ شل رهن تنهنجا اجرا خواب،
خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري تنهنجا ساهه گلاب.

▫

سپنن جھڙو ڳوٺ ڇڏي راکاس شهر ۾ آيو هو.
پيٽ جو دوزخ پورڻ جي خاطر ڏاڳي مل ۾ ملازم هو.
دهشتگردن جي فائرنگ ۾ هاڻ ويچارو ماريو ويو.
گهر جي پتي تي ايڏيءَ وارن هن جو لاش پڃايو هو.
سپنن جھڙو ڳوٺ ڇڏي راکاس شهر ۾ آيو هو.

◘

*ڏل جي دوست سياسي قيدي لطف الله لاشاري جي
سينٽر جيل سکر مان رهائي تي لکيو ويو

ها، هو رات مري ويو رازو،
ڳوٺ سڄي جا گهر ڏاهيائين،
پنهنجي پويان صرف ڇڏيائين،
ڇپر ڪچو ۽ ڏهي پيو تازو،
ها هو رات مري ويو رازو.

◘

عشق آڳر کان وٺي اڳتي هليو،
شهر تنهنجي، جِي گهٽين گهايو وري،
بيخوديءَ جي درد، جهومايو وري،
ءِ ڇتي اُسَ منجهه ديوانو جَليو،
عشق آڳر کان وڌي اڳتي هليو.

◘

اياز جا نظم، نيٺ تنهنجا،
انهن جي گهرائين ۾ ڀُرڪي،
ڏسي ٿو چاهت سان چنڊ مُرڪي،
سڪي ستارا بہ سِيڙَ تنهنجا،
اياز جا نظم، نيٺ تنهنجا.

▫

اکين ۾ عاشقيءَ جا رنگ اوتي،
مان تنهنجي سار جا منظر جهٽيان ٿو،
ڪِلي، لڙڪن جي من موسم مٽيان ٿو،
ٿو احساسن جي ڪريان ڇانوَ توتي،
اکين ۾ عاشقيءَ جا رنگ اوتي.

▫

هلي آءُ ڇڏيانءِ ٻانهن ۾ ويڙهي،
ءِ احساس تنهنجا ڇُهان، ساهہ وچڙن،
دليون ڏار ٿين ءِ نہ ئي نيٺ ويڇڙن،
نياپا ڏئين ٿو نگاهن ۾ ويڙهي،
هلي آءُ ڇڏيانءِ ٻانهن ۾ ويڙهي.

▫

نيٺ، نيٽن سان مليا وقت بهانا ٿو گهَڙي،
روز مجبوريون، پيرن ۾ پيل ڏانوٽ جيئن،
عشق جي اک ۾ لهن لڙڪ، وسن سانوٽ جيئن،
ماڪ جيئن پاڪُ وفا لوڪ فسانا ٿو گهڙي،
نيٺ، نيٽن سان مليا وقت بهانا ٿو گهَڙي.

▫

اڏوريون خواهشون، سگريٽ جي ڇٽندڙ ڦُلن وانگي،
سمورا خواب ٽيا نيلام، جانم ٽورڙي اگهه تي،
تو گهر جلندو ڏٺو ڪنهن دل کي من ناهي ڏٺو جلندي،
تہ توکي ياد ايندس مان ڪتابن ۾ گلن وانگي،
اڏوريون خواهشون، سگريٽ جي ڇٽندڙ ڦُلن وانگي.

▫

او پاڳل شام تنهنجا ٽي ويا هِن،
هي تانڊاٽا، ڏيئا، بيچين تارا،
سنڈو درياءَ جا وٽندڙ نظارا،
هي بادل جام تنهنجا ٽي ويا هِن،
او پاڳل شام تنهنجا ٽي ويا آهن.

▫

نِمُن جي ڇانوَ گهاٽي، گهر ڪشادا،
ٻنين ۾ سنگ ڏس سونا لُڏن ٿا،
پريان هو باغ آ طوطا اڏن ٿا،
۽ ڳوناٽا وجهن ٻاڪر ڪشادا،
نِمُن جي ڇانوَ گهاٽي گهر ڪشادا.

◘

شهر جون سوڙهيون گهٽيون ۽ زندگي،
روز گُهٽجي ٿي، صدائن وانگيان،
ڇا ته بدبوءِ ٿي اچي گٽرن منجهان،
۽ فِلٿتن کان هوا گذري نٿي.
شهر جون سوڙهيون گهٽيون ۽ زندگي.

◘

۽ هـــوءَ هلـــي وئـــي،
پـــوڙهي کـــي ســـمهاري،
ســـــامان ســـــنياري،
ڪنهن سان ته رلي وئي،
۽ هـــوءَ هلـــي وئـــي.

◘

مون ۾ ڪنهن جي جسم جي خوشبو الا جاڳي پئي،
ڪنهن ڪنواري خيالَ مون کي ننڊ مان جاڳائيو،
مينهن ۾ آلي متي جو ذائقو محسوس ٿيو،
ڏات ٿي ويئي ڏهوٽي ۽ ڪلا جاڳي پئي،
مون ۾ ڪنهن جي جسم جي خوشبو الا جاڳي پئي.

▫

فاصلا ڪيڏا،
تو رکيا آهن،
ڏک، ٻکيا آهن،
زندگيءَ جيڏا،
فاصلا ڪيڏا.

▫

جنڊيءَ تي کتون ۽ ٿُڪن تي رليون،
مسافر ۽ مهمان جي آجيان،
پرين ٿو اچي، چنڊ لاهي رکان،
اکيون جاءِ جوڙين وڇايل ڍِليون،
جنڊيءَ تي کتون ۽ ٿُڪن تي رليون.

▫

رکي جي ڪين سگهين ٿي تون مون سان راهہ رسم،
اهو ٻڌاءِ نہ ٻيهر مان جيئن تو سان ملان،
نہ تنهنجا لڙڪ اگهان ۽ نہ تنهنجي سامهون ڪلان،
مان بيوفا تہ نہ آهيان، شڪارپور جو قسم،
رکي جي ڪين سگهين ٿي تون مون سان راهہ رسم.

▫

نيٺ مالهيءَ جا ٿَڪل آهن،
باغ تي پهرا ٻيو ڏي ٿو،
وٽن ڪي هر ڪوئي لوڏي ٿو،
مند جا ميوا پڪل آهن،
نيٺ مالهيءَ جا ٿڪل آهن.

▫

ڪتاب بند ڪيم تنهنجي سوچ ۾ گم سم،
۽ تنهنجي مُرڪ جا رستا تلاش ڪريان ٿو،
ٿي ڇڙ تہ ٻير رتي ياد پاند ٻريان ٿو،
تون من ۾ پائي ليئو ٿي چوين چڱون چُم چُم،
ڪتاب بند ڪيم تنهنجي سوچ ۾ گم سُم.

▫

چيٽ جون چانڊوڪيون ۽ ماڪ ۾ وهنتل گلاب،
۽ گلن جي مسڪراهٽ رنگ آڇيا ڪيترا،
پوپٽن جا پند اڳتي، ڇرڪ ڇا ڇا ڪيترا،
درد جي گهنگهور موسم ۽ لڳا سپنا سراب،
چيٽ جون چانڊوڪيون ۽ ماڪ ۾ وهنتل گلاب.

▫

وري يادگيريُن جون لامون لڙن ٿيون،
وري سار، مهڪار ٻڌجي لهي ٿي،
سُرورن ۾ريا سُور هيءَ دل سهي ٿي،
شرابن جي مستي ۾ شامون لڙن ٿيون،
وري يادگيريُن جون لامون لڙن ٿيون.

▫

وري فيبروريءَ ۾ نو بهار آهي، نئين خوشبو،
وري احساس تنهنجي عشق جا جاڳي پيا آهن،
ڪٿي آهين پرين تون سڏ پڙاڏا بي ڇيا آهن،
هلي پيي آءُ، موسم، جسم تي تازي هنئين خوشبو،
وري فيبروري ۾ نو بهار آهي، نئين خوشبو.

▫

صبح اميدن پريو گذري ويو
شام جي مک تان نراسائي بَکي،
ان سمي کا ياد تنهنجي آ ٻَکي،
مُرڪ تنهنجيءَ جو پکي اڏري ويو
صبح اميدن پريو گذري ويو.

▫

هو مَنَهه تان ول تُنتي، انگور ميڙيان ٿو پيو،
ٻارڙا ٻوتي اکيون هڪٻئي کي ڳولن ٿا پيا،
اڄ بہ جڙ تنهنجي گهٽيءَ ۾ نيٺ رولن ٿا پيا،
ياد تنهنجيءَ جا پراٽا پور ميڙيان ٿو پيو،
هو مَنَهه تان ول تُنتي، انگور ميڙيان ٿو پيو.

▫

هو مَنَهه تان ول تُنتي، انگور ميڙيان ٿو پيو،
سوچ منهنجيءَ جو سفر آ ڇانوَ توڙي ڏوپ ۾،
خواب ۾ مان ٽي وڃان ٿو مارئيءَ جي روپ ۾،
سنڌ جي ماروئڙن جا سور ميڙيان ٿو پيو،
هو مَنَهه تان ول تُنتي، انگور ميڙيان ٿو پيو.

▫

اُيَ جي پيرن مان ڇڄي ٿي سانوٽي،
پَٽَ تي پکڙيل آهِ ٽڏندڙ ڇير جيئن،
گهر وڃڻ جي لئہ ڪري ٿي دير جيئن،
نينگريءَ وانگر پڄي ٿي سانوٽي،
اُيَ جي پيرن مان ڇڄي ٿي سانوٽي.

▫

ويهہ جهٽ، واءُ لٽو ٿي جاني،
ڪڻ نہ پيرا اهي پٽجي ويندءِ،
ڦولڙا پير بہ ڦٽجي ويندءِ،
واءُ ٿي گهاءُ لٽو ٿي جاني،
ويهہ جهٽ واءُ لٽو ٿي جاني.

▫



تـَظـَلـَم

شل خير هجي

هن سنڌ جي سوني ڌرتيءَ ڏي،
الله رکيءَ، دل پرتيءَ ڏي،
ءِ سونهن نگر جي سرتيءَ ڏي،
شل خير هجي ـ شل خير هجي.

هن ديس جي گل گلزارن ڏي،
سَن، سيوهڻ، ٻٽ جي مزارن ڏي،
محبت جي منن آزارن ڏي،
شل خير هجي ـ شل خير هجي.

امڙين جي او لاڻن، لولين ڏي،
ٻارن جي نماڻين ٻولين ڏي،
ٻيٽن جي گلابي جهولين ڏي،
شل خير هجي ـ شل خير هجي.

شاگرد، مزور ۽ هاري ڏي،
هر درد ڏي هر دلداري ڏي،
۽ ڪنهن جي مرڪ ڪنواري ڏي،
شل خير هجي ـ شل خير هجي.

عاشق جي اڌورين آهُنِ ڏي،
محبوب جي ٻهڪيل ٻانهن ڏي،
۽ پيار ڏي ويندڙ راهن ڏي،
شل خير هجي ـ شل خير هجي.



پنل راتڙيون

پنل راتڙيون
هي برساتڙيون،
پرينءَ کان سواءِ پهر صدين تي ياري،
وري وار کولي رني بيقراري،
رڳو انتظاري، اکيون آتڙيون،
پنل راتڙيون
هي برساتڙيون



هر احساس لذيذ خطا جيئن

بن چمين لئہ ڀھڪيا چپ ها،
ڏار ٽيڻ جي پيڙ نہ ڄاتئون،
مڏُ اوتيائون هوش نہ پاتئون،
عمر سڄيءَ جو روڳ لڳي ويو،
جوڳين وارو جوڳ لڳي ويو،
سارا منظر ڏنڏ ۾ ويڙهيل،
زخمي هٿ ۾ گجرا گهايل،
ماڻ جو شيشو شور جا پٽر،
چهرا پوڙها ڄڻ ڪي کنڊر،
موسم پي مستين کان خالي،
شوخ لبن تان لهندڙ لالي،
پنؤر ۾ گل جو کيلُ اهوئي،
مکڙيءَ پاند پسايو روئي،
اهڙي حالت زار تي سرتي،
پنل اکين جي پريت ٽي پرتي،
منهنجي آئيني جيون تي،
۾ تنهنجي ٽڙندڙ جوبن تي،
وقت جي دز چڙهي وئي آهي،
سڀ تاريخ پڙهي وئي آهي،

بيتابين جا باب نرڙ تان،
گم ٿي ويا مهتاب نرڙ تان،
ٽيڪو ناهڻ لاءِ به هاڻي،
ڪير ٻلا سِندوُر اُماڻي،
پاڻ اڏوري سوچ جا واسي،
پياسين ڄاڻ جي ڄار ۾ ڦاسي،
نڪرڻ لئہ ڪا راهہ نہ سُجهندي،
تو بن من جي آڳ نہ اُجهندي،
تون جا، خوشبوءَ جي جهوٽي جيئن،
هن هيڪل جيون ۾ آئينءَ،
ڪنهن سپني جي سندرتا جيئن،
هر احساس لذيذ خطا جيئن،
توکي ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي،
پاڻ لٽيون پاڪايون ڪيئي،
ها جيئن تو سان نيڻ اڙيا ها،
جڳ وارن جا ساهہ سڙيا ها،
روح کي رهڙي پاڻ پليو مون،
صرف پتين سان سور سليو مون،
يادن جو دروازو ڪُليو
هاڻي ڪجهہ ڪجهہ ياد اچي ٿو
ٿورو ٿورو مهڪيا چپ ها،
بن چُمين لئہ ٻهڪيا چپ ها.

⊙

تون ڇڻ ڦُٽي آن چوندَ جي

اڏارَ ڪونج ڪونج ۾،
پُڪار گونج گونج ۾،
تون ساحلن کي ٽي پڙهين،
ڪڏهن لهين ڪڏهن چڙهين،
اسان جي لاءِ آزادي،
تون ويڑ آن سموندَ جي.
تڪڙ نہ آهہ ڪٽڪ جي،
ڦلن جي ڳالهہ پو ڪبي،
هي ٽوهرن جو پنڌ آ،

گلن جي ڳالهه پو ڪبي،
وُڻي جي واءُ جي هٿان،
هي مِينهَن ٿا وري اچن،
هي نِينهَن ٿا وري اچن،
هي ڏينهن ٿا وري اچن،
تون مهڪ بوند بوند جي.
نوان جوان ڪي اُٽن،
پُٽن تي ڪيئن پاڻجي؟
اسان جي جاڳ ٿي چوي،
سُتن تي ڪيئن پاڻجي،
اداس وادين مٿان،
نئون نئون نسل لهي،
فراق نہ وِصل لهي،
جڏهن بہ ڪو فصل لهي،
تون جڙ ڦٽي آن چونڊَ جي،
اسان جي لاءِ آزادي،
تون ويڑ آ سموند جي.

شاھ لطيف

شاھ لطيف، شاھ لطيف منھنجا رھبر شاھ لطيف،
تنھنجي در تي آيا آھيون، ھر دل جا ويساھ لطيف.

اڇڙي ٽر تي ھرڻ ھيسايل، ڪارونجھر تي مور اجايل،
ڪاڇي ۾ بہ ڏڪار ھي ڪارو، پياسا ساھ پساھ لطيف.

ماڻھن جا تڪرار تہ ڏس تون، يار ٿيا اغيار تہ ڏس تون،
ٿوري ڳالھ تي اپيون ڪھاڙيون، ڪرڪي ڏرين ۾ ناھ لطيف.

اڪڙين جا اقرار نہ ساڳيا، صورت جا سينگار نہ ساڳيا،
انڌيارن جي قيد ۾ سارا، چانڊوڪين جا چاھ لطيف.

ماروئڙن جا ماڳ تہ ڏس تون، تن جا اجڙيل پاڳ تہ ڏس تون،
سنڌ وارن کان مرڪ کسي وئي، ساڻا ساڻا ساھَ لطيف.

⊙

وري فيبروري آ

جڏهن ڪا بيوفائي، ڏکهي ها عمر ماڻي،
اهو امڪان گهٽ آ، ملي اڄ يا سڀاڻي،
اها جيڪا چپن تي وڄايم چنگ وانگي،
ءِ سيني سان لڳايم وطن جي دنگ وانگي،
اها جيڪا گلن کي اڌارا رنگ ڏئي ٽي،
ڪنڊيري ٿهڪ، فصلن کي سونا سنگ ڏئي ٽي،
اها جيڪا تہ خوابن جي پوتر عاشقي آ،
انهيءَ جي دم ءِ خم سان، هي فطرت پيي نچي آ،
جڏهن کان دل جي موسم، اداسين ور چڙهي آ،
لکيل لڙڪن جي مس سان، ڪٿا سيني پڙهي آ،
ستارا باخبر هن ءِ شاهد چنڊ آهي،
لکي وسکي پيئي ٽو تہ زاهد چنڊ آهي،
اکيون منهنجون بہ ڳاڙهيون مان مڌ هاڻو لڳان ٽو،
نشي ۾ چورآهيان صفا ساڻو لڳان ٽو،
ڪٽي ڪا شوخ موسم، نہ آذر پاءُ ٽي آ،
پرينءَ جي سات ڏاران جواني گهاءُ ٽي آ،
وري فيبروري آ، وري هو ڏار آهي،
دکن جا ڦول پويم ءِ مهڪي سار آهي.

تون جي ناهين سانوٽيءَ ۾

تون جي ناهين سانوٽيءَ ۾،
اڄ جو احساس ٽئي ٿو.
رات تنهائي ۾ ڇا ڇا،
پر پون ٿا ڪيئن پاڇا،
ذهن تي آڳي اُلن جا،
تو بنا تازن گلن جا،
ڪيترا ٻوٽا لڳايم،
رُڄَ جو احساس ٽئي ٿو.
ها خدا موجود آهي.
چنڊ پيي ڪرٽا ٿو لاهي،
ءِ ستارا پيي نچن ٿا،
مُرڪ جا ميلا مچن ٿا،
هيڏي خوابن جي شهر ۾،
سُڄ جو احساس ٽئي ٿو.
تون جي ناهين سانوٽي ۾،
اُڄَ جو احساس ٽئي ٿو.

⊙

اسان جڙ تہ سپ سوڳوارن ۾ آهيون

ستاويهہ ڊسمبر جي هڪ سرد شام،
هلائي ڪنهن گولي هئي سرعام،
ڪيو ڪنهن اشارو پٽي ڪنهن ٽپي،
جو ٻِيبي شهادت جو پيتو هو جام،
صفا پنڌ پهڻ ٿي وئي ڪائنات،
اهو ڪنهن جي غم جو هيو احترام،
سڃي سنڌ، قيامت جو منظر بڻي،
حقيقت هئي يا هيو خيال و خام،
گهرن ۾ چلهيون ڪنهن نہ ٻاريون هيون،
هيو روڄ راڙو ٻہ هر گس ۾ گام،
بلاول سان غم جي غبارن ۾ آهيون،
۽ آصف سان گڏ اوڇنگارن ۾ آهيون،
اکيون آليون بيقرارن ۾ آهيون
اسان جڙ تہ سپ سوڳوارن ۾ آهيون.

ها، هن قتل تي ٿيو آ هر جيءُ جڏو،
اکين ۾ دلين ۾ وڇايل تڏو،
هو تاريخ جي چيخ بڻجي وئي،
سَنو سنڌ صدمو سَهڻ کان وڏو،

ڪبو ڪين تن کي اهو خون معاف،
ٿئي خوش نہ هي قاتلن جو لَڏو،
هو آمر ڪتي ڪونہ سگهندو ڪڏهن،
پنهنجو ديس ناهي جوا جو اَڏو،
ڪروڙن لکن ۽ هزارن ۾ آهيون.

ڏٺم چنڊ روئندو رهيو رات ڀر،
ستارا بہ ها ننڊ کان دربدر،
سين منظرن جي مٽان ڏنڊ هئي،
گلن کان بہ ڇڙ مرڪ وسري وئي،
ڪنوارين جون پوتيون لٽيون ٽيون وڃن،
پڳن ۾ وڪڙ پيي ڏرا ٽا پون،
وري مارئي بند زنجير ۾،
لڳو ڇڙ تہ سهڻي ٻڏي سير ۾،
لڳو ائين مومل وڃايو مجاز،
پٽائي رُنو ۽ رُنو شيخ ايار،
اسان هاڻي ڪيڏين ميارن ۾ آهيون،
هي قربان سرڙا قطارن ۾ آهيون،
وري تند تپندي تنوارن ۾ آهيون،
اسان سپ تہ ڇڙ سوڳوارن ۾ آهيون.

⊙



آزاد نَظمَ

تون ڇا ڇاڻين درد مٽيءَ جو

◈ او شاعر او دانشور!
او لفظن جا جادوگر!
تون ڇا ڇاڻين درد مٽيءَ جو.
ماروئڙن جي مُرڪ ذريءَ کان واقف ناهين،
يا ڳوڙهن جي ڳالهه ڳريءَ کان واقف ناهين.
جڏهن ورهاڱي ڳَرَ ڪنيا،
ڏارَ ٻڳا ۽ا اڏريا ڳيرا،
جهرڪين تي بازن جا گهيرا،
ٻولي هڪ هئي خواب ۾ پنهنجا هڪجهڙا هئا،
اٽڪ ويهڻ، آداب ۾ پنهنجا هڪجهڙا هئا،
پنهنجا پياراويڙي ويا ۽
ڏارين جي ڪا لوڏ لٽي،
بي پاڻن کي ڪنهن نہ قبوليو سنڌ قبوليو.
جڏهن ڪراچيءَ جي رستن تي،
روز گلاب جي پاڻيءَ سان،
ها ڇٽڪار پيا ٿيندا ها،
سو سينگار پيا ٿيندا ها،
هُنن کان اڳ ۾،
ڪيڏي ڇڪ ۽ پيار هيو،
امن، سڪون، قرار هيو.
هاڻ انهن جي ايندڙ نسلن،

روشنين جي شهر کي مقتل گاهه بڻايو.
ڌرتيءَ جا اصلوڪا وارث،
ٻئي درجي جا شهري آهن.
اڄ به سنڌين کي،
رت ۾ ٻاهه ۾ وهنجاريو ويندو آهي،
اڄ به ڪنوارين نياڻين سان،
وحشي هٿ ڪيڏن ٿا پيا،
ٻارنهن مئي تي ڇا ڇا ٿيو.
توکي ڪِوِل نہ ڇَڪُ پاتو.
تنهنجي مٽي تي جونءَ نہ ڇُري ڪا،
توکي ڪا پرواهه نہ آهي،
۽ تون پنهنجي لاءِ ترقي چاهين ٿو.
ٻهراڙين جي ٻاجهارن انسانن جي،
دل جي ريت کان واقف ناهين،
پيار، ڪُريت کان واقف ناهين،
ٿوپيءَ تي هِيرن جي ٽِڪَن کان واقف ناهين،
۽ اجرڪ جي حُسناڪين کان واقف ناهين،
او ويڪاڻو مال ٻُڌي ڇڏ!
تنهنجي ڪا تاريخ جي نديڙي صفحي تي پي جاءِ نہ آهي،
توکي عياشيءَ جو سامان ميسر سارو،
توکي شراب، شباب، ڪباب کان فرصت ناهي،
توکي اُلڪو ننڍ ڦٽيءَ جو،
تون ڇا ڄاڻين درد مٽيءَ جو.

*

قيد جي ديوار جي پويان

◈ مسلسل جبر جهڙيون حالتون،
ءِ ساهه ساٽا ٽيا.
الائي ڪيتريون باغي جوانيون،
قيد جي ديوار جي پويان جليون آهن.
تڙڻ کان پي اڳي ڪومائيون،
اهڙيون ڪليون آهن.
وڏيري جي حويليءَ تي،
وري هو چند راتين جو،
لڪي چوري اچي،
ٿو چورائي ڪنواري باک جا لمحا.
ڪا وينگس ساهه تڏڙا ٽي وئي آهي.
انهي جي درد جي اوگهڙ،
سندس چهري مان ظاهر آ،
وري انهيءَ جي ڪمريءَ،
پکي نر پي نه ويندو آ.
انهيءَ جا حق بخشايا ويا آهن
انهيءَ جي آ ٽيل قرآن سان شادي
ضرورت جسم جي چاهي،
ءِ چا ٿو روح پي چاهي،
مگر هي ڀگالهه آهي رازداريءَ جي،
پراڻو خاص نوڪر،
سندس اجري بدن جي آرزو آڏو،
پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ٿو.

*

پر تون منهنجي آرزوئن کان رهين ٿي بيخبر

◊ زندگيءَ جي درد جهڙي ڇوڪري!
تنهنجي اکڙين جي اداسيءَ جو قسم،
هاڻ توتي هي جواني شجر ممنوعہ جيان آهي لٽي.
ڇو وري تو ساڻ،
همدرديءَ وارا هٿ. هزارن ڀر ڳٽ،
سنگ مر مر جي بدن تي چنڊ جو قنديل چپ.
تو جڏهن آرس پگهو تہ انڊلٽ آهي نهي.
تنهنجي ڳلڙن تي اهو چاهِ ذقن،
شاعرن جي ذات کي رونق ٿو بخشي،
عاشقن جي لاءِ خوشخبري جو باعث.
زندگي جي درد جهڙي ڇوڪري،
تنهنجي ٿهڪن ۾ تليون مندر جون آهن،
تنهنجو منهن محراب مسجد جو لڳي ٿو.
پنهنجي نيٽن ۾ وڃائي،
مان مصلو پيار جو.

تنهنجي عبادت ٿو ڪيان،
پر تون منهنجي آرزوئن کان رهين ٿي بي خبر،
دل جون ڳالهيون،
تنهنجي سمجهڻ ۾ اڃن ئي ڪين ٿيون،
ڪنهن بہ جذبي جي،
سچائي ڪونہ ٿي معنيٰ رکي،
چا اِهو مون سچ ٻڌو؟
ڪلهہ شام جو،
ڪنهن همسفر سان،
دائمنڊ جي هار تي،
تو پيار جو سودو ڪيو،
سينگار جو سودو ڪيو.

♦ چاهِ ذقن مان مراد کلڻ مهل پوندڙ ڇڪهہ. ★

مان تہ اُھوئي آھيان دوزخ

◊ مان تہ اُھوئي آھيان وينگس!
پر تون ساڃي ناھين.
اوجاڳن جي مھر ھٽي مون،
لڙڪن کي وجدان ڏنو.
توکي دل جو دان ڏنو.
تون جا، ساھہ کان ويجھي آھين،
ھر ويساھہ کان ويجھي آھين،
ڏات بہ تنھنجي آڏو ڏکندي،
ڏانءُ بہ تو سيکاريو آھي جيئڻ جو.
مان تہ اھوئي آھيان سجني!
پر تون جاڳي ناھين.
توکي ننڊ جون لوليون ڏيندي،
چنڊ چريو پل ناھہ ستو.
توکي ھير پکو ھٿ وارو.
ھٽندي ھٽندي ناھہ ٽکي،
ءِ ھا تنھنجي اڌ عمر جو.
ڳچپل حصو آرام ۾ گذريو.
مان تہ اھوئي آھيان دوزخ،

پر تون آڳي ناهين،
تون ڇا ڇاڻين رُڄَ جون راتيون،
تون ڇا ڇاڻين تاندن تي ماتم ڇا آهي
ڀ تو ڪنهن جي جاڳ کي جلندي ناهه ڏٺو،
ڪنهن عاشق جي پاڳ کي جلندي ناهِ ڏٺو،
جنت جهڙي ديس جي سندر رهواسڙ ٻڌ،
توکي سڪ جون ڇانئون نيبهه،
رابيلن جي لامن جون سو لانئون نيبهه،
ڀ مان ڏر تتين جو ماڻهو،
تنهنجي شهر جفا ۾ ڪيڏا ڏينهن رهيو هان،
ڪيئي ڏکن جا ڳاهُ ڳهيو هان،
ڀ مون زهر به پيتو آهي،
دار تي پي مان لٽڪيو آهيان،
ڪيڏو تو لئه پٽڪيو آهيان.
ڪيڏو تو لئه پٽڪيو آهيان.

*

نظريا ۽ نعرا فقط ڪوڪلا

◊ اسان جن ارادن کي واعدن جي زنجير ۾،
ٽا ٻڌن، وري ٽا چون،
وطن سان وفائن جي شروعات ۾،
اوهان سات ڏيو،
جيئو ۽ جيئڻ ڏيو،
اڄي پي ٻڌل ڳالهين تي لڳي،
اسان پنهنجون عمريون وڃائي ڇڏيون،
اسان پنهنجون ڏگريون جلائي ڇڏيون،
۽ ڪيڏانهن ويساهه ورتل هي ماڻهون وڃن،
نظريا ۽ نعرا فقط ڪوڪلا،
نه قومي سڃاڻپ جون گهرجون ٽيون پوريون،
سياست جو رومانس،
معنيٰ وڃائي آ ويٺو،
ڪڏهن ڪاري، ڳاڙهي ۽ سائي ڪلر جا،
اسان پي ته جهنڊا ها جهولائيا،

اسان پريت جا گيت ها ڳائيا،
صِلي ۾ هي بيروزگاري ۽ بک،
ڇوپلئه پئي آهي،
شهيدن جي رت جو به سودو ٽيو سستو،
رڳو رت ڦڙا آرزوئن جو رستو،
هتي فوجي آمر جي هڪڙي اشاري تي،
ڊيموڪريسي آ ڪرسي کي چنبڙي،
* صدارت جو منصب وڏي ڳالهه آهي،
نه آدرش، مطلب وڏي ڳالهه آهي،
فقط مصلحت جار جهڙي اُٽيل آ.

*

* 9 سيپٽمبر 2008 آصف علي زرداري جي صدارت ڏانهن اشارو.

دوزخي پُٽ

◊ پرهہ نہ پاند ڪنيا،
ان ڪان ۾ي پهرئين،
گولي ۽ جو آواز ڪنن تي پيو،
مون سوچيو،
شايد ٻن ڏرين جي وچ ۾ ڪنهن تڪرار جي ڏي وٺ ٿي
۽ منهنجي وئي ننڊ ڦٽي،
صبح ٽيوپر واري هوٽل تي ماڻهن هِيءُ سُس پُس ڪئي،
نيڪ نمازڙ ويچاري ۽ ڪي،
پنهنجي ممتا ٻاجهاري ۽ ڪي،
دوزخي پُٽَ،
رات پراٽي قرض جي عيوض،
ڪنهن اشراف سان ڪارنهن جو الزام ڏئي،
ماري ڇڏيو.

*

هاريءَ جي پُٽَ خواب ڏٺو

◊ هاريءَ جي پُٽَ خواب ڏٺو.
پهراڙيءَ جي هارن کي تفصيل ٻڌائي ٿو.
ءِ سمجهائي ٿو.
چيئين ته،
پنهنجي ڳوٺ جي قسمت هاڻ بدلڻي آ،
هيءَ روايت ايندڙ نسلن کاڻ بدلڻي آ،
ڪيسين رئيس وڏي جي بيگر،
وهندا هي ويڳاٽا ماڻهو.
سنڌ رتو رت ساڻا ماڻهو.
ٿهڪ نہ جن جي ٿور ۾ شامل،
مرڪن متيءَ هاڻا ماڻهو.
هاريءَ جي پٽ خواب ڏٺو.
چيئين ته رات مون خواب ڏٺو.
مظلوم اٿيا سارا،
هٿ هٿن ۾ ديد ڏڳن ۾،
نينهن سندا نعرا،
ها ته ڪهاڙين جي ڪڙڪي سان گيت بغاوت جا.
هاري جي پٽ خواب ڏٺو.
سڳ چٽي ءِ بدي جون رسمون ڪارو ڪاري ڇو.

قتل ڪرائڻ، جيل وڃائڻ،
وڙ آ وڏيري جو،
مسڪينن تان ٻانهپ وارو،
طوق هي ڄاڻ لٽو،
هاري جي پٽ خواب ڏٺو.
ها سپني ۾ هينئن بہ ڏٺائين،
ٻارڪتابن سان،
ننڍن وڏن جا جهول پريل ها،
سرخ گلابن سان،
هٿڙن تي ميندي ۽ پريل ها نيٺ حجابن سان،
سارو ڳوٺ مِڙيو هو سڏ تي،
هڪڙي شخص وڏي،
هن کي چيو تہ مُڙي وڃ ٻچڙا،
منهنجي ڳالهہ ٻڌي،
نانگن سان ٽوير ويهارين،
چوٽو هي پٽڪو لهرائين،
چوٽو هي ڏاڙهي پٽرائين،
پوڙهي پيءُ جي ٻيوس اکين ۾،
نينگر هو آب ڏٺو،
هاريءَ جي پٽ خواب ڏٺو.

*

اهو چنڊ تنهنجي نئين دل لڳي

◊ او چمپا ڪلي تنهنجي خوشبو ڀلي،
گلن تي جواني ۽ جي شروعات آ،
مزو ماڻجي سا ملاقات آ،
مٽي ۽ جي بدن تي رچن ٽا هڳاوَ
گرم پاڪرن منجهه ڪي سرد گهاوَ
ڪنهن پاڳل جي خواهش جيان،
روز سورج ٿو گذري وڃي،
هوائون انوکو وڻن واس ٿيون،
سيئي موسمون تنهنجون ٻانهيون بنيون،
۽ ٿهڪن مان،
موسيقي ورتو جنم،
هر صبح تنهنجي صدائن جي پويان ٿي،
ڊڪندي وتي،
وري سور پنهنجا سليندا رهيا،
ستارا بہ چنري ۽ پويان لڳي،
اهو چنڊ تنهنجي نئين دل لڳي،
سپنن منظرن تو کان رنگ اڌاري وتي،
اسان جو بہ آهي حصو ڪا پتي؟
ذرا خيال ڪر دل جي حسرت جلي،
او چمپا ڪلي تنهنجي خوشبو ڀلي.

*

۽ آزادي اهم آهي.....

◊ اسان جو هي وهم آهي،
تہ ساريون پوپٽيون چرکي،
گلن جي واس تي اڏري رهيون آهن،
۽ آزاديءَ سان آڏيون،
مٿي آڪاس تي اڏري رهيون آهن،
شڪاري تاڙ۾ آهن،
ٻڏو بندوق جا فائر،
پکين سان جي مخاطب ٿا ٿين،
گوليءَ جي ٻوليءَ ۾،
ڏسو هي نيرڳا نوڙيا،
پهاڙي سلسلو آ ڪونج جي هر گونج جا،
سارا ئي سُرَ وڃڙيا،
سموري سنڌ جي موسم،
تہ پن ڇڙ ۾ پنن جا لڙڪ ٽي،
وکري ويل آهي.
اُنِي برسات جي ڪائي،
منستر جي فقط هڪڙي ٻگلي،
نکري ويل آهي
اسان جو هي وهم آهي،
تہ پنهنجي ڏيهہ ڏاڏاڻي ۾،
آزادي اها آهي.
اسان جي نينهن جهڙي سوچ ڪاٿي ٽي رِها آهي،
سياسي چال بازين کان،

ڪٽي واقف ٿيا آهيون،
اسان جڙ درد جي تاريخ جا تعارف ٿيا آهيون،
اسان وٽ خوبصورت پارٽين جي ڪوٽ ناهي ڪا،
ڀ نعرا سنڌ جي ايجاد جڙ آهن،
ڪا تازي ياد جڙ آهن
پلئه پئجي ويون آهن،
اسان جي پاڳ ۾،
ساريون گرفتاريون،
وري اوسيئڙي ۾،
جيل جون ڪوليون سدا آهن،
اسان جي ذهن توڙي دل جي ليکي ۾،
اها قومي سچاڻپ آ،
اهو قومي شعور آهي،
اسان کي سار محبوبا جي هُبڪاريل خطن جي آ،
فقط هڪ ياد تازي ناهه جا،
پنهنجي متي جي آ،
صبح جي هر نئين ويلا،
بہ ڪوهيڙي جي قبضي ۾ آ،
ايجا بہ درد جا بادل،
ڏکيل سوراج جو سورج،
اسان جا سون جيئن ارمان آهن،
وقت جي بيدرد واڻئي وٽ،
اسان جا نيٽ توڙي خواب سڀ گروي رکيل آهن،

نئين تاريخ جا

جڙ باب سپ گروي رکيل آهن.
ڪراچي تون ڪٽي آهين،
اسان جي،
ٻانهن تنهنجي ڪنڌ ۾،
لاڙي سگهيا ناهيون،
اسان تنهنجن اکين جا لڙڪ به ناهيون اگهي سگهيا،
اسان جي ٻَوٽ جون،
ٻَاڙهيون گهٽيون پيلاڻ ڏي مائل،
اسان جو مال،
ايجا تائين چَرڙ جي آس ۾ آهي،
اسان کان جڙ تہ پٽڪي جا وڪڙ وسري ويا آهن،
اسان کان ۽
ڪهاڙي پي ڪٽڻ وسري وئي آهي،
اسان اجرڪ کي سمجهي گوڏ،
استعمال ڪريون ٿا،
اسان پنهنجي ثقافت جو نہ ڪوئي خيال ڪريون ٿا،
اسان جون آجپي ڏاران،
سيئي مرڪون به اٽپوريون،
چپن جا رنگ اٽپورا،
چُمين جا چنگ اٽپورا،
اسان جي محبتن جو مان اٽپورو،
اسان جو دين ۽ ايمان اٽپورو
۽ آزادي اهم آهي،
اسان جو هي وهم آهي.

*



نثري نظمَ

مان اڪيلائيءَ جي تاريخ لکان ٿو

◊ مان،
اڪيلائيءَ جي تاريخ لکان ٿو.
اکين مان،
ڏيئن جي ٽِم ٽِم جيئن،
ٽِمندڙ لڙڪ،
ءِ چپن کي ڪاراڻ بخشي،
سڙي ويل سگريٽ،
منهنجا ٻانهن ٻيلي آهن.
مان،
اڪيلائيءَ جي تاريخ لکان ٿو.
خدا ٻه ته اڪيلو آهي،
جيڪو فرشتن سان،
پنهنجا احساس شيئر ڪندو رهي ٿو.
اوجاڳا فقط،
ستارن جي قافلن کي ڇڙ ويڙ نٽا ڪن.
چنڊ ٻه ته اوسيئڙي جي ڇتي اُس ۾،
پنهنجا وار چاندي ڪيا آهن.
ءِ... ءِ... ءِ... ءِ...
مان، اڪيلائيءَ جي تاريخ لکان ٿو.
شهر، بازارون، چونڪ، رستا،
هيڏن هجومن ۾ ٻه،
تن تنها،
پنهنجي وجود کي گهِلي
جيون جي بي ترتيبيءَ جو
نوحو لکڻ کان اڳ،
مان،
اڪيلائيءَ جي تاريخ لکان ٿو.

*

لباس

- تنهنجو هجڻ نہ هجڻ،
هڪڙي ئي تہ ڳالھ آهي،
منهنجي ياڪر جو لباس،
بدن تان ڇڏيئہ لاهي.

◆

مِينھن

- جڏهن بہ مينهن وسندو آهي،
غريب جي گهر جي ڇت جيان،
هُن جو من بہ تمندو آهي.

◆

ٹھڪ

- ڪجھ ٹھڪ بچائي رکيا هيم،
تو سان گهمندي،
ءِ شاپنگ ڪندي،
ڪم ايندا.
پر هاڻي جڏهن تون،
هٽڙو ڇڏائي،
هلي وئين آهين،
پاڻ سان،
ٹھڪ بہ کڻي وئي آهين.

◆

پٽائيءَ جي پَرِ ۾

♦ پٽ شاهه جي ميلي تي وڃڻ وارؤ
ڪڏهن،
ڪراڙ ڪنڊيءَ تي،
* ان اُداس قبر ڏانهن به نهاريو،
جتي پٽائيءَ جي پر ۾،
ويهين صديءَ جي سنڌ،
اوهان کي سڏي رهي آهي.

♦

* مهان شاعر شيخ اياز جي قبر تي حاضري ڪانپوءِ لکيو ويو.

بن، پهرن جي هلکي اُس جو هڪ ڏيڪ

♦ نِمر جي گهاٽي ڇانوَ جو ادراڪ،
ٽڪل مسافر کانسواءِ،
ڪوئي به ڪري نه سگهندو.
اُداسيءَ ۾ لکيل نوٽ بُڪ،
ڪنهن ڪويءَ جي سرجيل نظر کي،
مڪمل ڪندو آهي.
بن، پهرن جي هلکي اُس جو،
منڍو سيڪ،
بن دلين جي وچ ۾،
ڏڙڪن جو گيت ٻڌجي ويندو آهي.
ءِ شهر جي دونهين کان ڪوهين ڏور،
سنڌ جي پهراڙيءَ جهڙي،
اتهاسڪ محبوبه،
تون مون کي ياد ايندي آهين.

♦

ريکا جي نالي هڪ نظم

- تون،
اڄ به،
ڪيئي قتل ڪري سگهين ٿي.
تنهنجي حسن جو سورج غروب ٿيڻ کانپوءِ به،
باهه جي شعلن جيئن،
ساڙي سگهي ٿو.
تنهنجا ڪردار،
زندگيءَ سان پرپور،
ءِ ڪلاسيڪل جسم جو،
ڪو زمانو مداحُ،
طبلي جي ٿاپ تي تنهنجو ڪيل رقص،
جڙ،
چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾،
آبشارن تان پاڻي ڪري،
هڪ نہ پر ڪيئي اميتاب،
تنهنجا خواب ٿي رهيا.
توسان ملڻ کانپوءِ،
تنهنجي لذت کان آشنا هر شخص،
وڌيڪ جيئڻ جي،
تمنا، ئي نہ ڪندو.

◆

ڪراچيءَ جو ڪيڏارو

- شهر جي فائيو اسٽار هوٽل ۾،
ڊانسنگ گرل جي وجود جون،
اجنبي حرڪتون،
مون کي شناسا لڳن ٿيون.
مان واٽ ون جي بوتل کولي،
پنهنجي پياس جي آجيان ڪريان ٿو.
ازل ۽ ابد جي ڇيڙي جو بحث،
فلاسافرن جو پسنديده موضوع،
۽ منهنجي پسند،
تنهنجي اکين ۾ انڪيل.
شاعري، موسيقي، مصوري جا،
شاهڪار،
ريڙهن تي،
اڏ قيمت تي وڪامن ٿا.
حڪومت گلن جي ڪاروبار تي،
ٽيڪس لڳائي ڇڏي آهي،
ٽيڪس تہ اسان جن ساهن تي بہ لڳل آهي،
پر اها جدا ڳالهہ آهي،
اسان جيئڻ نہ بہ چاهيون،
پر اسان کي فضيلت سان مرڻ بہ نٿو ڏنو وڃي.

تازن وڳوڙن کانپوءِ،
ڪراچي،
لطيف جو ڪيڏارو بڏجي چڪي آهي.
ليڊر، لاشن تي سياست چمڪائن ٿا،
دانشور، سرڪاري پروگرامن ۾،
مليل پروٽوڪول تي خوش نظر اچي رهيا آهن،
ءِ ڪامورا،
نوڪري بچائڻ ۾ پورا آهن.
موهن جي دڙي جا مهذب ماڻهو،
جن دنيا کي تهذيب سيکاري،
جن وٽ پنهنجا پڪا گهر هئا، ڊرينيج سسٽم هو،
اُهي جاهل ءِ ڪاهل سمجهيا ويڻ ٿا.
بدامني جي تازي ڏنل باهه ۾،
ساڙي سنڌ سڙي رهي آهي،
ءِ ڪراچي،
لطيف جو ڪيڏارو بڏجي چڪي آهي.

◆



ترائيلَ

موت جي ننڊ سپ ستا ڇيرو
ڇو ايا قتل گاهه جاڳي ٿو؟
اڄ بہ راهن ۾ رت جي خوشبو
موت جي ننڊ سپ ستا ڇيرو

ڏس تماشو متيءَ جا ماڻهو
تو ۾ پٿر جو ساهه جاڳي ٿو
موت جي ننڊ سپ ستا ڇيرو
ڇو ايا قتل گاهه جاڳي ٿو

*

پرهه جي پيغام جهڙي ڇوڪري
اڄ اڪيلائيءَ جي اونداهي متاءِ
سانوڻيءَ ۾ جام جهڙي ڇوڪري
پرهه جي پيغام جهڙي ڇوڪري

انب جي ڪنهن لام جهڙي ڇوڪري
منهنجون ٻانهون هن پناهون تنهنجي لاءِ
پرهه جي پيغام جهڙي ڇوڪري
اڄ اڪيلائيءَ جي اونداهي متاءِ

*

ضروري ناهه هي اي دوست، ٿئي هر آرزو پوري
ڪڏهن خوابن جي رستي ۾ رڪاوٽ وقت وجهندو آ،
ڪڏهن، ٻن دلين جي درميان پئجي وڃي دوري،
ضروري ناهه هي اي دوست، ٿئي هر آرزو پوري.

نه اڄ انجام تي آئي، ته هوندس ڪائي مجبوري،
سَهي جو دل نه سگهندي آهه اهڙو درد ملندو آ.
ضروري ناهي هي اي دوست ٿئي هر آرزو پوري،
ڪڏهن خوابن جي رستي ۾ رڪاوٽ وقت وجهندو آ.

*

تون چوين ٿي ته توکي وساري ڇڏيان،
منهنجي فطرت ۾ واعدي خلافي نه آ،
بي ضميرو ٿي احساس ماري ڇڏيان،
تون چوين ٿي ته توکي وساري ڇڏيان.

دل جي دونهين مٿان لڙڪ هاري ڇڏيان،
ڪٺ خنجر، اک ڪهڻ لاءِ ڪافي نه آ،
تون چوين ٿي ته توکي وساري ڇڏيان،
منهنجي فطرت ۾ واعدا خلافي نه آ.

*

صبح سان ئي چا تہ ڳاڙهي شال ويڑهي ٿي اچين،
ڏينهن جي هر ڏار مان ڏاڙهون ڦٽن ائين ٿو لڳي،
هڪڙي جهرمر جهٽ ۾ ڪيئي سال ويڑهي ٿي اچين،
جسم جي خوشبو سهانا خيال ويڑهي ٿي اچين،

ياڪرن ۾ حال ۽ احوال ويڑهي ٿي اچين.
هر گهڙي موتيءَ لڙي گجرا ٽُٽُن ائين ٿو لڳي،
صبح سان ئي چا تہ ڳاڙهي شال ويڑهي ٿي اچين،
ڏينهن جي هر ڏار مان ڏاڙهون ڦُٽن ائين ٿو لڳي.

*

تو سوا من زندگيءَ جا ڇانورا،
ڏوپ جا منظر بڻيا ڏس ڇا ڪيان،
لڙڪ نيڻن ۾ ۽ سپنا سانورا،
تو سوا من زندگيءَ جا ڇانورا.

عمر جي هٿ کس سان لمحا بانورا،
پوپٽن جيئن پل ڇڻيا ڏس ڇا ڪيان،
تو سوا من زندگيءَ جا ڇانورا،
ڏوپ جا منظر بڻيا ڏس ڇا ڪريان.

*

اڃ سياست پي عبادت جان هئي،
اڄ پيارا هن نظريَن کان مفاد،
ديس تان پي گهور دل ۽ جان هئي.
اڃ سياست پي عبادت جان هئي،

جيل جي کولي چمڙ آسان هئي،
هاڻي بنگلو ڪار ئي من جي مراد،
اڃ سياست پي عبادت جان هئي،
اڄ پيارا هن نظريَن کان مفاد.

*

رات جي هنج مان پرهه پاسا کنيا،
مون کي رستي جا پٿر مليا پنڌ لئ،
تو گلابي رتون، قول واسا کنيا،
رات جي هنج مان پرهه پاسا کنيا.

ڪلهه مون تو ڏي جهُڪِي نيڙ تاسا کنيا،
مان ازل کان ايارو رهيس مڌ لئ،
رات جي هنج مان پرهه پاسا کنيا،
مون کي رستي جا پٿر مليا پنڌ لئ.

*

هي سُرها ساهه مان واسو ونان ٿو
ڪٽي ڇڻ رات جي راڻي تڙي ٿي،
وسي سانوڻ ٿو وارياسو ونان ٿو
هي سُرها ساهه مان واسو ونان ٿو.

اُٽي مان نند جو پاسو ونان ٿو
نئين سپنن جي آڪاڻي تڙي ٿي،
هي سُرها ساهه مان واسو ونان ٿو
ڪٽي ڇڻ رات جي راڻي تڙي ٿي.

*

ايا گل هو تڙيو مس هو ٽُٽي پيو لام مان جلدي
وهيءَ جي پُور کان اڳ ۾ منو توفيق مُرجهايو
* هليو ويو عامر ۽ محمود جي هو ٽام مان جلدي
ايا گل هو تِڙيو مس هو ٽُٽي پيو لام مان جلدي

نہ هُو نڪري ڪڏهن سگهندو خيال و خام مان جلدي
سمورن ڳوٺ وارن دوستن کي ياد آ آيو
ايا گل هو تِڙيو مس هو ٽُٽي پيو لام مان جلدي
وهيءَ جي پُور کان اڳ ۾ منو توفيق مرجهايو

*

*نوجوان دوست توفيق منگيءَ جي بي وقتي لاڏاڻي تي لکيو ويو.
ان جا دوست، عامر علي گولو ۽ پروفيسر محمود ڍول ڏانهن اشارو